

Gul Hayat Institute

# کُونجون کَرکن روهَ تي

Gul Hayat Institute

# ڪُونجون ڪَرڪن روهه تي

(شاعري)

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.

1997ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻه سئو نوَ

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| ڪمپوزرس | ڪرسٽل ڪمپيوٽر ڪمپوزرنگ<br>سينٽر، قاسم آباد حيدرآباد |
| پهريون ايڊيشن | اپريل 1997ع |

قيمت -/70 رپيا

پڪي جلد سان -/100 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

Gul Hayat Institute

---

KOONJOON KARKAN ROH TEY (Poetry) Written by SHAIKH AYAZ.
Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition April 1997.
Price Per Copy Rs. 70/-
Book No. 209

## ڪونجون ڪرڪن روهه تي

### انتساب

پنهنجي پيش رو سنڌ جي عظيم شاعر

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نالي

— تون پارس مان لوهه، سڄي ته سون ٿيان.

تنهنجي جُتيءَ جي مِٽي

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| پيش لفظ | 7 |
| چوسٽا | 17 |
| بيت | 40 |
| دوها | 103 |
| وايون | 110 |
| ترائيل | 125 |


Gul Hayat Institute

# مهاڳ

**اصل شهود و شاهد و مستهود ايک هے**
**حيراں هوں پهر مشاهده هے کس حساب ميں**
**(غالب)**

حيرت جو اهو احساس آهي جو وحدت الوجود جي نظرئي جو بنياد آهي. جتي بہ تصوف هڪ عوامي تحريڪ جو روپ ورتو آهي اُتي اُهو پنهنجي خاص ماحول ۽ مذهبي روايتن کان متي اُڀريو آهي ۽ هڪ نئي شڪل ۾ نظر اچي ٿو ۽ اُن ۾ اختلاف بدران هڪجهڙائي ۽ ايڪتا ملي ٿي. مون وٽ تصوف تي اُردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب آهن. هڪ ڪتاب آهي 'تصوف قبل از اسلام' تصوف اُن ڪتاب جي مصنف سريت پسندي (Mysticism) کي ڪوٺيو آهي. اُها نفس جي گهراين مان اُڀري ٿي ۽ مشاهدي ۽ ڪشف جي ناليءَ ڪوٺجي ٿي. اُها سائيريا جي ايسڪي مو، اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا، آفريقا، يونان، هندستان ۽ چين ۾ تائو ۽ ڪنفيوشس مت ۾ ملي ٿي. اسلامي تصوف تي يوناني ۽ هندي سريت پسنديءَ جو گهرو اثر آهي. اسلامي تصوف کي بہ ڳالهيون زياده اُڀارن ٿيون ۽ اُهي آهن تہ (1) الله رگِ گردن کان ويجهو آهي ۽ (2) الله نور السماوات والارض آهي. اهي مشاهدي ۽ ڪشف جو وارداتون نہ فقط صوفين پر فلسفين ۾ اُلجهاوَ جو سبب ٿي وڃن ٿيون ۽ اُنهن ۾ تضاد اُڀري اچن ٿا. خدا ۽ انسان جي وچ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؛ وحدت ۽ ڪثرت جون جڙون ڪٿي ملن ٿيون ۽ عشقِ مجازيءَ جي ڪيتري اهميت آهي؟

Gul Hayat Institute

فاني انسان لافاني هستيءَ جو مشاهدو ڪيئن ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي سوال آهن جي حڪيم، صوفيءَ ۽ فلسفيءَ ۾ مونجهارو پيدا ڪن ٿا. ڀٽائي چيو آهي:

واٽون ويھہ ٿيون، ڪُھہ ڄاڻان ڪاڏي ويا ؟

هڪ صوفي جا تجربا شڪ ۽ شبهي کان مٿي سهين، پر اُهي جڏهن ٻوليءَ ۾ اچن ٿا تہ تجربن جي ماهيت ۽ نوعيت بدلجي ويجي ٿي. ڳالهہ ايستائين پهتي جو هو مطلق هستيءَ کي نيستي چوڻ لڳا. اُپنشدن ۾ ”نيتي نيتي“ چوڻ لڳا تہ اِبنِ عربيءَ ۽ عبدالڪريم الجباليءَ اُن کي الاعليٰ ۽ عدمِ محض ڪوٺيو.

پنجاب ۾ سلطان باھو، بلهي شاهہ ۽ شاهہ حسين اُن جا بهترين مثالِ آهن ۽ سنڌ ۾ تہ شاهہ، سچل، ۽ سامي کي هرڪو تہ مورتي ڪوئي ٿو. سامي هندو تہ هيو پر هڪ وحدت پرست شاعر هو.

اي ـ او- جونس (E.O. Jones) چيو آهي تہ، ”مذهب جي صحيح وصف ۽ شرح ۾ اهو سمايل آهي تہ دنيوي زندگيءَ کان ماورا پاڪيزه نظامِ سان خوشگوار تعلق پيدا ڪيو وڃي جو هن ڪائنات ۾ ظهور پذير آهي.“ انهيءَ معيار تي سنڌ ۽ پنجاب جا صوفي شاعر پورا اچن ٿا.

Gul Hayat Institute

اهو ماوراتي رجحان مذهبن ۾ لاڳاپو پيدا ڪري ٿو. فقط آسمان جي نيري گُنبذ ڏانهن ڏيانُ قديم شعور ۾ هڪ مذهبي تجزئي کي جنم ڏنو آهي. هن ڪائنات جي پراسراريت ۽ آڪٽ ۽ اڪٽ ٿهلاءُ، هڪ بعيه از فهم هستيءَ جو احساس ڏياري ٿو. ڪائنات جو ڪوئي تہ باني آهي، اُن ۾ مستقل موجود آهي ۽ اُن کي ناهي ٿو ۽

ڏاهي ٿو. هي انساني زندگي هڪ ماڪ جي قطري کان وڌيڪ اهميت نہ ٿي رکي. ڪيترا رعب داب، ٺٺ ٺانگر وارا ڏاڍا مڙس مٽيءَ سان مٽي ٿي وڃن ٿا ۽ نہ رڳو اُنهن جو نانءُ نشان نہ ٿو رهي پر هن جي ساري پٽ ڪوهہ وٺرٽ وڃي ٿي. قاتل ۽ مقتول، ظالم ۽ مظلوم، جابر ۽ مجبور، سڀ هن مٽيءَ جي امانت آهن. نہ رڳو اهو پر سياڻا ۽ اياڻا، جوڳي ۽ ٺوڳي، دنيا ڍونڍ جا طالب ڪُتا سڀ مٽيءَ ۾ سمائجي وڃن ٿا. ماڻهو رڳو مٽيءَ چاڻو آهي، لحد هن جو ابد تائين مهد آهي. ان ڪري ئي انسان جو ڌيان اُن هستيءَ ڏانهن وڃي ٿو جو آربين کربين سالن کان باقي آهي، جنهن ڪروڙين چنڊ، سج ۽ سج کان بہ هزارين ڀيرا وڌيڪ ڳورا سَتارا پيدا ڪيا آهن، جي ڪيئن گردش ڪن ٿا ۽ ڪيڏانهن وڃن ٿا، اهو هڪ راز آهي دنيا ۾ انهيءَ حقيقت جو رنگا رنگي جو ظهور ڏسي، شاعر چئي اُٿي ٿو:

جب کہ تجھہ بن کوئی نہیں موجود،
پھر یہ ہنگامہ اے خدا کیا ہے.
(غالب)

فارسي شاعر بہ ساڳيءَ حيرت جو اظهار ڪيو آهي تہ:

ما ز آغاز و ز انجام جهان بي خبريم،
اول و آخر اين کهنہ کتاب اُفتاد است.

(ترجمو: اسان هن جهان جي آعاز ۽ انجام کان بي خبر آهيون،
هن پراڻي ڪتاب جو پهريون ۽ پويون پنو ڦاٽي ويو آهي.)

مون پنهنجي هڪ نوٽ بُڪ ۾ لکيو هو تہ پيٽرول پمپ جي بتي پنهنجي هڪ ٽنگ تي ڪڙي آهي ۽ آئي وئي لاءِ رابعہ بصريءَ وانگر چوڏاري روشني ڦهلائي رهي آهي." هن تشبيهہ ڪي جديد دنيا

Gul Hayat Institute

جي نڪتہ نگاهہ کان ڏنو ويو.

رابعہ بصريءَ تي مون مارگريٽ سمٿ جو هڪ ڏاڍيءَ محنت سان لکيل ڪتاب پڙهيو جنهن ۾ هڪ ٽنگ تي هن جي عبادت جو ذڪر هو. ان ڪري جديد دؤر ۾ مون کي مٿين تمثيل سمجهي آئي هئي. ٻين صوفين وانگر رابعہ جي زندگيءَ ۾ بہ ماورائيت جي ڪيفيت هئي.

مٿين ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي تہ ڪنهن رابعہ کان هڪ ڀيري پڇيو، "تون ڪٿان آئي آهين؟"

"دنيا مان"، هن جواب ڏنو.

پوءِ هن کان پڇيائين، "تون ڪيڏانهن تي وڃين؟"

"ٻي دنيا ڏانهن." هن جواب ڏنو.

وري هن کان پڇيو ويو، "تون هن دنيا ۾ ڇا تي ڪرين؟"

"مان غم زده آهيان."

"ڇا لاءِ؟"

"ان لاءِ تہ مان ماني هن دنيا جي کاوان تي ۽ ڪم ٻيءَ دنيا لاءِ ڪيان تي."

اهو پڙهي منهنجي هانوَ ۾ ڏڪ لڳو. ڇا هيءَ منهنجي شاعري ٻي دنيا لاءِ ڪم ۾ شمار ٿي سگهي ٿي؟

ڇا هي ڌرتيءَ ۽ عوام سان وابستگي رکڻ وارا شاعر سڀ غلط آهن؟ ڇا منهنجي شاعري رابعہ بصريءَ جي آدرش تي پوري اچي سگهي ٿي؟

مسيحي روايت موجب عيسائين ۾ رابعہ جهڙي محبت سيڪنه

Gul Hayat Institute

موج ڪوثر ۽ رودِ ڪوثر پڙهيا آهن. اڪثر صوفين جو پيغام شاهہ لطيف وارو آهي.

’سيت پچار پرينءَ جي سيتِ هوت حضور‘

ادريش شاهہ پنهنجي انگريزيءَ ۾ ڪتاب (Sufism) ۾ لکي ٿو تہ ڪنهن صوفيءَ کان سِريت پسنديءَ جي تجربي جي باري ۾ پڇيو ويو تہ هن جواب ڏنو، ”چار ڄڻا، هڪ ايراني، هڪ تُرڪ، هڪ عرب ۽ هڪ يوناني ڪنهن گهٽيءَ ۾ بيٺا ها. هو چارئي مسافر ها ۽ هنن ڪي نقط هڪ هوڪو هو ۽ هو ان تي بحث ڪري رهيا ها تہ هوُ اهو ڪيئن خرچ ڪن.

ايرانيءَ چيو مونکي ”انگور گهرجي“، تُرڪ چيو تہ ”مون ڪي عظوم (Uzum) گهرجي“، عرب چيو تہ ”مون ڪي عناب گهرجي ۽ يوناني چيو تہ ”مون ڪي استافل (Stafil) گهرجي.“ اُتان هڪ ٻيو مسافر لنگهي رهيو هو، جو ماهرِ لسانيات هو. هن ڪين ٻڌي چيو، ”مان سڀني جي خواهش پوري ڪري سگهان ٿو. مون ڪي پنهنجو سڪو ڏيو.“

پهرين تہ هنن هن تي اعتبار نہ ٿي ڪيو، پر آخر هن ڪي سِڪو ڏنائون. هو هڪ ميوه فروش جي دڪان تي ويو ۽ چار انگور جا ڇڳا وٺي آيو.

ايرانيءَ چيو، ”هي منهنجو انگور آهي. ان تي ترڪ چيو تہ مان انهيءَ ڪي عظوم چوندو آهيان.“ ساڳيءَ طرح عرب ۽ يوناني چيو تہ عناب ۽ استافل بہ اها ساڳي شيءَ آهي.“

هڪ قابلِ ذڪر واقعو اتر هندستان جي ڪن اهڙن بزرگن جو

ٽيو جن هندن ۽ مسلمانن جي عقيدن کي ملائڻ چاهيو ۽ اهڙن فرقن جو آغاز ڪيو جن ۾ ٻنهي مذهبن جا عقيدا شامل ڪيا ويا. انهن بزرگن ۾ ڪبير ڀڳت هو. هو 1440ع ۾ پيدا ٿيو هيو ۽ 1518ع ۾ وفات ڪري ويو. تذڪرة اوليا ۾ هن جو نالو شيخ ڪبير جولاهو قدس سره لکيل آهي ۽ اهو به چيو ويو آهي ته هي شخص شيخ تقي سهرورديءَ جو خليفو هو ۽ زماني ۾ مشهور ماڻهن مان ٿيو آهي. هن پنهنجي ولايت کي ملامتيه فرقي ۾ ڇپايو هو ۽ پنهنجي وقت جي هر موحد کان ممتاز هو. هن ڪجهه ڏينهن رامانند بيراڳيءَ جي صحبت ۾ رهي، هندي زبان ۽ شاعريءَ تي عبور حاصل ڪيو ۽ هندي ٻوليءَ ۾ بي مثال دوها چيا جن ۾ ڀڳتيءَ پيرو هن معرفت جو بيان ڪيو . هن جي تعليم جي پيروي گرونانڪ ڪئي جنهن جي گرنٿن ۾ ڪجهه سنڌي بيت به اچي ويا آهن. هو پنهنجي دور ۾ ڏاڍا مقبول ها پر ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي تهذيب جو حصو ته ٿي رهيا پر پنهنجي اهميت وڃائي ويٺا. هن جا پوئلڳ ڪبير پنٿي ۽ سک اڄا تائين هندستان ۾ آهن پر پاڪستان ۾ هڪ به ڪبير پنٿي نه آهي.

ڏکڻ هندستان ۾ جتي مسلمان ڀڳريون پيرو آباد ٿيا ها، اُتي هن هندن جي مذهبي ۽ معاشرتي خيالن ۾ ڪافي تبديليون آنديون هيون، جن مان ڪيترين ئي مشهور فلسفي شنڪر آچاريا شِومت ۽ وشِنو مَت جي ساڌوئن معرفت ڦهلايون هيون. رامانج انهن کي خاص تربيت ڏني هئي ۽ ڀڳتي تحريڪ کي فلسفي جو بنياد مِلي ويو هو. ڀڳتي يا پريم يا عبادت جو مذهب آهستي ڏکڻ ۽ اُتر ۾ ڦهلجي ويو هو پر پوءِ تاريخ پلٽو کاڌو ۽ هاڻي ته بي جي بي ۽ راشٽر ميوڪ

Gul Hayat Institute

خون هڪ زنده حقيقت بڻايو، جنهن پنجاب جي متي ذڪر ڪيل فرقن کي هڪ لوڪ شاهي ريت ۾ سمائي ڇڏيو هو. پنجاب جي صوفي شاعر سيد علي عباس جلال پوريءَ جون هيئيون سٽون اجا تائين عوام جي زبان تي آهن.

ماهِي ماهِي ڪوُڪَندي مين آپي ماهي هوئي
رانجهن رانجهن سب ڪَهي، آکي هير نہ ڪوئي
رانجها رانجها ڪوُڪَندي مئن آپي رانجها هوئي

مون باهوءَ تان چوُسٽي جو فارم کنيو آهي جيئن سامي ءَ تان سلوڪ ۽ پٽائي تان بيت جو فارم کنيو آهي. 'ڪونجون ڪَرڪن روهہ تي' ۾ باهوءَ جي مابعد الطبيعات (Metaphisics) نہ آهي ۽ منهنجي شاعري ۾ جو فلسفو آهي ان جي ڪا ٿي هڪ سٽ باهوءَ سان يا ٻي ڪنهن سان نہ ٿي ملي.

ها، اهو ضروري آهي تہ ڪيترن چوُسٽن ۾ مون پنهنجي نقطہ نگاهہ کان هن ڪائنات جي وحدت بيان ڪئي آهي، انهن ۾ ڪجهہ چوُسٽا ڪراچيءَ جي حالات جي باري ۾ بہ آهن. اُن دوُر جي دهشتگرديءَ جي عڪاسي ڪن ٿا.

منهنجو ٻيءُ مون کي ننڊي هوندي باهوءَ جي هيئين سٽ ٻڌائيندو هو (هو باهوءَ جو معتقد هو ۽ ڪيئي ڀيرا هن جي مزار تي ويو هو)

تن من ميرا ليران ليران جون درزي دي ليران هو

(ترجمو: منهنجو تن من ليڙان ليڙان آهي جئن درزيءَ جو ليڙان آهن.)

اها سٽ منهنجي دل تي اُڪرجي وئي هئي ۽ اجا ياد آهي.

Gul Hayat Institute

ماں باهوءَ جي هينين دوهي سان هي مهاڳ ختم ٿو ڪيان.

عشق دي اولڙيان گلان جيهڙا دور ٿين شرع هٽاوي، هوُ
قاضي ڇوڙ قضاوين جاوَن جو عشق طماچين لاوي هوُ
لوڪُ اياڻي مَتين ديوَن عاشقان مَت نہ ڀاوي، هوُ
مڙن محال تِنهان نون باهو، جنهان صاحبِ آپ بلاوي هوُ

(ترجمو: عشق جون ڳالهيون نراليون آهن جيڪي شرع کي دور هٽائي ڇڏين ٿيون
قاضي قضائون ڇڏي وڃن ٿا جڏهن انهن کي عشق چپاٽ هڻي ٿو.
اياڻا لوڪ تہ مَتيون ڏين ٿا پر عاشقن کي ڪائي مت ڀانءِ نہ ٿي اچي.
انهن جو مُڙڻ محال آهي باهو، جن کي صاحب گهرائي ٿو).
باقي هڪ سوال: ”باهو! گهٽا مجازي عشق ڪيا هُيَ؟ ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ معرفت جي راهہ تي اچڻ کان اڳ مون گهٽا ڪيا آهن!“

شيخ اياز
4- ڊسمبر 1996ع

Gul Hayat Institute

# چوسٽا

(سلطان باهوءَ جي نالي)

Gul Hayat Institute

# چوَ ستا

ساري رات اسان جاڳون ٿا جهونجهڪڙي اک لڳي هوُ
ورهڻ جئن ڪا ڪاري اُڀ ۾ تارا تڪي تڳي هوُ
ڇا ڇا پنتي رهجي ويو آ ڪير نيائي اڳي هوُ
حال ته اڇٽو وچٽو آهي حال ته سڀ ڪي ٺڳي هوُ

❖

ڳاڙهي ڏاک اُنهيءَ جي وَلَ تي هي چاندوڪي هوُ،
رُت بسنتي آئي آهي، ٻيرِ ته ڏسُ ڪئن ٻوڪِي هوُ
سورَ اُڀاريا ڪُوڪي ڪويل ڇو نه ڪيو ڪجهه تو ڪِئي، هوُ
گرچه گلاب جيان اڄ تازي ناهي پڙيت پروڪي هوُ.

❖

بينو عشق نچائي ڪنهن ڪي ٿيا ٿيا هوُ
ڪُن اندر ڦيراٽيون ڪائي پيئي نيا هوُ
هيءَ اڪيلي ناوَ انهيءَ جو ڪير ڪِوَئيا* هوُ
اونداهي اڌ رات انهيءَ جي هيا هيا هوُ.

❖

---

* ڪِوَئيا (هندي): ناکٽو.

Gul Hayat Institute

❖

چنڊ ڪجيءَ جي ٻانهن ڳچيءَ ۾ پائي هيٺ نهاري هوُ
نيرو نَپ درياهہ جيان تو چندرمان کي تاري هوُ
پِپل پاڙ ٻَرن تا ڏيئا ويو تارين کي تاري، هوُ
نيڻ اجا تائين تا لوچن ساڳي نينهن نظاري، هوُ.

❖

ٻاهو تو جو عشق ڪيو سو نانهہ اُجايو وڃڻو هوُ،
مان ڄاڻان ٿو جنهن جنهن تڙ تي آ توکي پيرو پڄڻو هُو،
چنڊ چڪي ٿو سينگ، انهيءَ کي تيرُ تہ توتي سڄڻو هوُ
هوُ هڪڙي ڏينهن تہ اچڻو آهي، ماٺوءَ موتُ تہ مڃڻو هوُ.

❖

سِجُ ٻڏي ويو پاڻيءَ ۾ ۽ نديءَ تي آ سانجهي هوُ،
چوڌاري وڻ سانت سمايا، اونده ڪنهن آڳانجهي، هوُ
سانت سمندر وانگر ڇُلڪي، موڙهو من جو مانجهي هُو
تو جهوپيءَ ۾ ڏيئو ٽمڪي، تالهيءَ تالهيءَ ڪانجهي هوُ.

Gul Hayat Institute

❖

هي جا پوڙهي چيلهہ چبيءَ سان ڪانيون ڍوئي هُو،
مڙس اُنهيءَ جو ڪئن نہ اگهائيءَ ۾ ٿوروئي، هُو
گهر پهچي هوءَ هُن لَئہ چانور ويٺي سوئي، هُو
ياٻ اڳي جئن ساڳ سرنهن جو، ڪنهن کي لوئي، هو؟

❖

❖

هو باهو سلطان بہ آهي، بُلي شاهہ بہ هوُ،
چڻ تہ پيتائيءَ جي آويءَ ۾ آ اوچو اوڙاهہ بہ هُو
شال فريدا هن ڪي سمجهين مهر بہ هوُ ۽ ماھہ بہ هُو
آهي امن پيام انهيءَ جو، سڀ سان آهي ناهہ بہ هُو.

❖

دم مان آهہ عدم نڪتو ۽ دم مان نڪتو آدم هُو، هر
هَر ڪنهن ڪي جي مرڻو آهي، موت اجايو آ غم هُو،
سهڻي تنهنجا وارَ هوا ۾ ڇا جا زلفِ پُرخم هُو
موت اڳيان ميهار نہ ڪوئي، ناهي ڪوئي چڻ ڏم هُو.

❖

آڪاس سمندر وانگر آ، ۽ چنڊ تري ٻيڙيءَ جان هُو
آنءُ تہ ڪوئي ڪوڏ بہ ناهيان، سُرڪي ڪيئن سمايان، هُو
ماهيگير گهريا گهرڙن ۾ گهلي ڄار مڇين سان، هُو هوُ
جيڪو سڀ ڪي رزق رسائي، واري آنءُ انهيءَ تان، هُو.

❖

موڻي ڪوبہ نہ آيو آهي، ڏس ڏئي جو ڪوئي هوُ
مٺيءَ هيٺان ڪوبہ نہ ٻولي آهي سانت سيوئي هوُ
ساکَ نہ رهندي ڪنهن بہ سَڪيءَ جي لاکَ نہ هوندي لوئي هوُ
ڪنهن ڪي سار نہ رهندي باهو ڇا پاتي ڇا ڪوئي، هوُ. *

❖

* ڪوئي (اردو): وڃائي.

Gul Hayat Institute

❖

ڪنهن ڪي ڪَل نہ آهي ڪائي، ڪنهن نہ سَياڻو ڄاتو هوُ،
نيڻ ندي جا سمنڊ سمائي تنهنجو انت نہ پاتو، هوُ
جهرڻي وانگر گيت اچي ٿو، ڪير چوي ڪنهن ڳاتو هوُ!
پريت تہ آئي نشي وانگر، ڇا ڪنهن يار سڃاتو هوُ؟

❖

جوڻي جڳ جي جُڻ وساري اٺ مٿان تي ڪَتي هُو
پير پٿون ۾ راهہ اٽانڪي پنڌ ڪندي تي وتي هوُ
لوُهَ لڳن ڪي لهسايس پرَوڻي ڏهاڙي تتي هوُ
عُمر انهيءَ لئہ سوال مُنجهايا مٿ مزي تي مَتي هوُ.

❖

ڪنهن جو ڪنهن جو ڏک روئيندين ڪيئي گل ۾ لالا هوُ،
غالب وانگر ڪيئي تن جا ڪالهہ غزل سراها، هوُ،
رَبا! سُهڻيون تو دنيا ۾ خلقيون آهن ڇا ڇا هوُ
نقش مٿائين ٿو ائن تن جا جيئَن مصورَ پردا، هوُ.

❖

وڻ جون ٽاريون چانڊوڪيءَ ۾ جيئن لڏن، تئن ٻانهون، هوُ
ڪيڏيون سانت سماڻيون آهن دردوندن جون دانهون هوُ؟
اُتر واءُ تہ ناهي سَر تي آهن ڪيئي آهوُن هوُ!
ٻيا ٻيا سڀ جا رستا باهو سپنا سپنا راهوُن هوُ.

❖

Gul Hayat Institute

❖

مسجد جي مينار مٿان جيئن چنڊ رُلي ٿو، ھوُ
قطرہءِ شبنم شاخِ گل تان جِيئن ڪِري ٿو، ھوُ
'ھو' ئي 'ھو' جو وِرد ڪبوترَ جيئن ڦِري ٿو، ھوُ
منھنجو روح تڏھن گنبذ ۾ ايئن گھِري ٿو، ھوُ.

❖

'رانجھو' 'رانجھو' ھير ڪري ٿي رانجھوجھنگ سيال ڪٿي ھو؟
رانجھو سوچي رانجھو لوچي، رانجھو سنگ خيال ڪٿي ھوُ؟
ھير سدائين ڳولي پنھنجو مستقبل ۾ حال ڪٿي؟ ھوُ
مچي ڳولي باھو، ھُن لئہ جڳ ۾ ڪيڏا جال ڪٿي؟ ھوُ.

❖

عشق الله سان جنھن کي ڪونھي باھو کھڙو ماٺھو، ھوُ
ھرڪنھن کي ٿو چيري ڦاڙي چيتي جھڙو ماٺھو، ھوُ
جيڪو اُڄ اُجھائي سڀ جي پاٽيءَ ڀھڙو ماٺھو، ھوُ
ڪک بہ ھلڪو آھي جنھن کان اھڙو اھڙو ماٺھو، ھوُ.

Gul Hayat Institute

❖

سورج مُکيءَ جي ڪيت جيان مان ننڊ ڪيان ٿو، ھوُ
سجَ اُيري کان اڳ ۾ ئي چا لاءِ اُٿان ٿو، ھوُ
سج اُيري ٿو دور اُفق ۾ آنءُ ڏسان ٿو، ھوُ
تون چا چاٿين آنءُ عبادت ڪيئن ڪيان ٿو، ھوُ.

❖

* چال: چار.

❖

ڪويل ڪوڪي ٿي ساٺوڻ ۾ مينهن پوي ٿو، هوُ
ڪو تہ اُنهيءَ آواز ۾ آهي ڪجهہ تہ چوي ٿو، هوُ
ڏرتيءَ کي آڪاش منجهاران ڪوتہ سڏي ٿو، هوُ
عشق الله جو توکي پنهنجي طرف ڇِڪي ٿو، هوُ.

❖

سڀ ماڻهو مهمان هيا گهر ڪنهنجو ناهي، هوُ
ڪيڏا نہ پرندا اُڏري ويا سَر ڪنهنجو ناهي، هوُ
روز سيان پَرُ ٽيٽو آ پَرُ ڪنهنجو ناهي، هوُ
موت رڳو پاڇائون آ ڏر ڪنهنجو ناهي، هوُ.

❖

هو چوڏس جو چنڊ ٻري ٿو، سَهو گوارِ ٿو ڪائي، هوُ
ڪَنڊيءَ پنتان دور شڪاري، ڪاتَر ٿو اُچلائي، هوُ
چنڊ ڏسِي ٿو اُن کي پرتاڻ ٻيوس ٿي ٻاڏائي، هوُ
ڪهل نہ ڪائي پيلَ، چپن تي مُرڪ پئي لهرائي، هوُ.

❖

Gul Hayat Institute

باهو، چانئٺ تي آيو ٿي، دروازو ڪنئن ٻوٽين، هوُ
آهي هي آواز ازل جو ان ڪان ٻوڙو ڇو ٿين، هوُ
هو جو ايڏو ويجهو آهي، تنهن لئہ ڇو ٿو ڪاهين، هوُ
جيءَ ۾ جهاتي پاءِ ڙي باهو، سڀ ڪجهہ تون ئي آهين، هوُ.

❖

❖

توريت پڙھيو، انجيل پڙھيو، قرآن پڙھيو سڀ ھوُ
رومي، سعدي، حافظ جو ديوان پڙھيوسڀ ھوُ
آھ اھوئي ڏک نہ ڪڏھن انسان پڙھيوسڀ ھوُ
ڪونہ سڄاتا درد سندس، درمان پڙھيوسڀ ھوُ.

❖

باھو تو پنجاب ڏنو آ، سنڌ بہ ڏيکاريانءِ، ھوُ
چولستان جيان ھت ٿر ۾ ڪرھي تي تاريانءِ، ھوُ
جي ٻاجھر ڪاٽي ٻاجھہ ڪري مان سنگ پَٽاريانءِ، ھوُ
چوچ منجھان ڊوڊي جي ڳنٽي مان ڪاريانءِ، ھوُ.

❖

ڀَتُ، پُلاءُ نہ سيرو آھي، لاشَ ڪرن ڪئن، ھوُ
سڄ چڙھي ويو آ پورھئي ۾ ڪير وَھي ھِئن، ھوُ
* لاسيا ڪَمُ ٻنيءَ ۾ ڪن ٿا ڊور ڊِڳي جئن، ھوُ
ھمرچو جئن تو ڪو ڳائي تيز ٿين تئن، ھوُ.

❖

سُگھڙ آءُ تڏي تي منھنجي ھيءَ ڳجھارت ڀَڄُ، ھوُ
”اڳتي نھر مٿي ٻاٽيءَ واريءَ مان تون وَڄ“ ، ھوُ
سانجھي اُپ مان ايئن لھي ٿي جئن اَمڙ جي ٿڄ، ھوُ
ٿڪجي ويھہ نہ ڪنھن وڻ ھيٺان ڳالھہ تہ منھنجي مڃ ھوُ.

❖

---

نوٽ: لاس، ليڏاڻ ڪيڻ يا لاباري وقت ڪبي آھي. ان لاءِ مزوري نہ ونبي آھي، رڳو ڪاڏو ڪارائبو آھي.

Gul Hayat Institute

❖

ميان متان تون لاھين پنھنجِي ڪائُڙَ ڪتي، ھوُ
ان وانگر ھن ٻوريءَ ۾ ڪا چيز نہ اَتي، ھوُ
ھيڏيءَ وستيءَ مان ميڙي جا، تو آ سَتي ھوُ
ان ڪتيءَ جي تو نہ ڪڏھن آ قيمت ڪتي، ھوُ.

❖

ڳڏجي ٻوريون ٿا ھو ڪاھن ڪير اُنن تي، ھوُ،
چانڊوڪيءَ ۾ جن ڪي ڪارا ڪيسَ پُنن تي، ھوُ
مولا مھر ڪئي آھي تو ھيل مُنن تي، ھوُ
ھيل وڏي ولھار وبا ڪيڏا نہ ٻُنن تي، ھوُ.

❖

رات لڙي آ اُپ ۾ تارا ٽِمر ٽِمر ڪن ٿا، ھوُ
ھيءَ ڪتيءَ جي مُنڊ، ڪڪر ڇو رمر جھمر ڪن ٿا، ھوُ
آھہ طلسمي رات ستارا سِمر سِمر ڪن ٿا، ھوُ
جنھن ۾ ڪيئي چانڊوٺا ڇڻ ڇمر ڇمر ڪن ٿا، ھوُ.

Gul Hayat Institute

❖

باھو آءُ پيٺائيءَ ڪي تون تنبوري تي ڏِسُ، ھوُ
جنھن جا بيت ٻڌي بادل مان ڇَنڊ ڪڍيو سِسُ، ھوُ
ڇا ھن جي وائي آھي، ڪو ناھي جنھن جو جِسُ، ھوُ!
وڪ وڏائي جنھن تي ڪرھو لاھي آرِسُ، ھوُ.

❖

❖

ڏينھن تتي جو پاڇاون ڪن جيئن ڪجيءَ جا ڦرھا، ھوُ
سانوڻ سارَ اچي ٿي ڏاڍي، ڏينھن جڏھن ٿين سَرھا، ھوُ
مينھن ڦڙيءَ بن ماروئڙا اڄ ڪيڏا آھن اُرھا، ھوُ
شال پِٽن تي آنءُ ڏسان ڪلھہ وانگر ڪَرھا، ھوُ.

❖

اَنُ جڏھن ايمان تئي ٿو، رب تئي ٿو مانِي، ھوُ
ھيءَ صدي گذري ويئي جا آھہ رڳي ناداني، ھوُ
ھيئن ڪڏھن اڳ ڀر ماڻھوءَ لئہ ٿي آ ماني ڪانِي؟ ھوُ
ھيئن ڪڏھن اڳ ڀر ماڻھوءَ جي جيءَ نہ ڳوليو جاني؟ ھوُ.

❖

باھوُ، ڪئن ڪرلاھو ٿيندا مٿا مصنف، ھوُ
زنده ماڻھو ڪونہ لين ٿا مليان پيو ڪَف، ھوُ
ڪالھہ سموري سنڌ ڪِني ھئي ڪيڏي ھئي صف، ھوُ
ورلي ٿي ٿو پنھنجو ڪنھن سان ھاڻِ تعارف، ھوُ.

Gul Hayat Institute

❖

تو بہ ائين پيريءَ ڀر پاتو باھو سَڄُ اَڪيلو؟ ھوُ
يا تہ ھئي تنھنجي محفل ڪو ماڻھوئڙن جو ميلو، ھوُ
تولئہ مون جئن تنھائي ھئي چا ڪو وِھہ جو ويلو؟ ھوُ
يانت يانت جانار رھن ٿا، ھونءَ تہ دنيا ٻيلو، ھوُ.

❖

❖

ڦِرندو واءُ، ٻنيءَ ۾ رهندو سنگ نه ڪانو، هوُ
ڪنهن کي ڪوبه بقاءُ نه آهي ڇا تي ٿين ديوانو، هوُ
پل تون مال ڏسي وٺ پنهنجو ڪولي ڏِس تون خانو، هُو
ناهه ڪفن کي ڪوئي کيسو، هرڪو اِيئَن روانو! هوُ.

❖

موتي آنءُ ورهاياڻ وينو ڪوبه نه جهَلي جهولِي، هوُ
آنءُ خزاني وانگر پنهنجي آهه ڪوبتا ڪولي، هوُ
ديشَ وديشَ ڪَويءَ ڪنهن ناهي، مون وانگر هٿن ٻولي، هوُ
سِٽ سِٽ پچڪاري آهي جڻ، ٻول ٻول آ هولِي، هوُ.

❖

مينهن جيان تو منهنجي من ۾ لاتا اڄ وسڪارا، هوُ
سٽ سٽ ۾ يرجي آيا ڪيئي ڪڪر ڪارا، هوُ
ڪوبه اُجَارو نانهه پربا مون تن لئه ٿويا سارا، هوُ
تن ۾ ڪئن نه تَرن ٿا اپ جا تمڪي ڪيئي تارا، هوُ.

Gul Hayat Institute

❖

باهو تولئه ٿاهو ها ڇا ڌرتيءَ جا سُک، هوُ
تو به ڏنا ها مون وانگر ڇا ڏونگر جيڏا ڏک، هوُ
ڪيڏيءَ ٻوست ۾ گذري آ، ڪائي واٽُک، هوُ؟
ڪيڏي پيينگ اٿم چوڌاري ڪيئن لهي ٻُک، هوُ.

❖

❖

باهو هڪ الله تہ آهي سڀ ڪنهن جو رکوالو، هوُ
ماڻهوءَ پنهنجي من تي ڇاجي لاءِ هنيو تالو، هوُ
ڏوٻيءَ وانگر مون من ڌوتو، آهہ اڃا ڪجهہ آلو، هوُ
ڇاتي هي انسان ڪُڏن ٿا؟ نالو! ڇاهي نالو، هوُ؟

❖

ڪورو آهہ ڪڌهن ڪان پيارا آءُ اُمايون دِلو! هوُ
ماڻهوءَ جو ايمان ٿيو آ رب مان ڪيڏو ڍِلو! هوُ
ڇڻ سارو ويران لڳي ٿو روحانيت- ڳِلو! هوُ
آ اڳ جئن ويساهہ پَلو، اڄ تَنهن جو ڪَيون بِلو! هوُ.

❖

بادل مان سانجهي بکي ٿي، سونُ بکي جئن ڏنگِي، هوُ
توکي ديد پوي ٿي ڪائي اندلٺ ڪنهن هئن ونگي، هوُ؟
رات لٿي آ، چندرما جو ناهي ساٿي سنگي، هوُ
حيرت ۾ حيران ٿيان ٿو رنگ بٽائي رنگي، هوُ.

❖

Gul Hayat Institute

ڪنهن ڪيئن ڏٺو،ڪنهن ڪيئن ڏٺو، تون رب تہ ساڳو سائين، هوُ
تون بادل ٿي برسائين ٿو، تون ڪويل ۾ ڪُرلائين، هوُ
تون وڻ وڻ ڦُـڙ ڦُـڙ وانگر آن تون وسڪارا وَرجائين، هوُ
هي باهو تنهنجوئي بندو آ شال اُنهيءَ ڳرلائين، هوُ.

❖

❖

ساري ڏرتي رَتُ جا تويا ماٺهوءَ اُج نہ لٿي، هوُ
مٿي ڍيرَ ڪري ڪنهن آهي سر سِر مٿان سَٽي، هوَ
سون جيان درياهہ وهي ٿو، آهي سانجهي لَٽي، هوُ
باهو عمر گهٽا پَل آهي عمر نہ آ ڪنهن ڪَٽي، هوُ.

❖

بندي وان تہ آنءُ بہ آهيان گهرَ جي بندي خاني ۾، هوُ
سارو ڏينهن وجي ٿو گذري غالب جئن ويراني ۾، هوُ
هاڻي اوتَ بہ ڪانہ وجهان ٿو مان پنهنجي پيماني ۾، هوُ
ايئَن تصور ڇانيو آهي جڻ آهيان مئخاني ۾، هوُ.

❖

ڪورنگيءَ ۾ ڪير مُئو آ، ڇا هِي ماٺهو ناهي، هوُ
هي لانڍيءَ ۾ لاش ڪٽن ٿا، ڪير پُڇي ڪير اهي، هوُ
شهر ڪراچي ڪيئي مردا، ڪوبہ نہ رکي ٿاهي، هوُ
ميڙاڪو ڏِس آهہ ڪيو ڪيڏو نہ ڪِجهن ڇوڙاهي، هوُ.

Gul Hayat Institute

❖

لَٿو ناهہ لڳن تي هن ڪي سيءُ پيو ٿو سا ڙي، هوُ
اَڪ سُڪا ٻاري ڪاٽي تِي رات جڏهن ڪا پاڙي، هوُ
ڪوئي مسافر آيو.تنهن ۾ آ ليڙي ڪي لاڙي، هوُ
ڪَٽ ڍلي مهمان ملي آ، تانگهہَ پيو جڻ تاڙي، هوُ.

❖

❖

آهہ اڪيٖن ۾ واري هن جي لُوءَ پئي لوُساتي، هوُ
ڪبڙ چانوَ پيو هو ڳولي جنهن ۾ منجهند ڪاتي، هوُ
ڪنڌيءَ پنَ چَري تو هن جو اُٺ اُياري ڳاتي، هوُ
ڪير مٿي تي آٽي پيئي گهر مان لسيءَ ماتي، هوُ.

❖

نم جي چانوَ ٿڌي آ ڪيڏي آءُ تہ ڪو دم ويهون، هوُ
پَاڻُ بہ جڻ آڪاس جيان آ، آءُ انهيءَ ۾ پيهون، هوُ
هن ڏرتيءَ جون ڪوڙيون ڳالهيون چئجن ڪيهون ڪيهون، هوُ
ٻار تہ ڪيڏو خوش لڳي ٿو ڪائي وينو پيهون، هوُ.

❖

باهُو نانءُ خدا جو سچو پيو سڀ آهَي فاني، هوُ
جڳ گهڙيءَ جو ميلو آهي ڪوئي خان نہ خاني، هوُ
حرص هوس انسان ۾ آهي جڻ ساري ناداني، هوُ
هي جيڪو مانداڻ، انهيءَ جو ڪو تہ لڳي ٿو باني، هوُ.

Gul Hayat Institute

❖

باهو مون شيطان ڏٺا استالَن وانگر، هوُ
نيٺ پڇِي پيا اُتر واءُ ۾ ڪانن وانگر، هوُ
جڻ تہ ٽٽل تنبوري نڪتل تانن وانگر، هوُ
پو بہ ڳڇيءَ ۾ آهن ڪَن جي ڳانن وانگر هوُ.

❖

❖

هاڻي ڇا ٿيندو بس ويئي منهنجي عمر اَجائي هوُ،
اُن جي ڪيئن تلافي ٿيندوبيت هجي يا وائي هوُ
نيٺ تہ مٽي آ پايـنـده نـاهي صورت ڪائي هوُ
باهو جي مون مرشد گهرجي ڪافي آهہ پڻائي هوُ.

❖

ڪوبہ نہ رهڻو آهي باهـو هـرڪـو مِٽي هـوُ
قبر مٿان ڇانڊوڪي آهـي سڀ جي چِٽي هوُ
ڪير نہ آهي جنهن هن جڳ سان ڪونہ ڪئي آ ڪِٽي هوُ
انڪاري آ ڪير خدا ڪان، ڪنهن جي قسمت ڦِٽي هوُ.

❖

ڪوبہ انهيءَ ڪان ڪونہ بچيو آ موت مِڙن ڏي اچي هوُ
ڪارِبهر جئن ڪاٺ انهيءَ کي ڪير انهيءَ ڪان بچي هوُ
عمر ڪري ٿو ضايع پنهنجي جـو دنيا جي ڏچي هـوُ
ڪيڏو خوش آن هٿ وٺو آ تـنهنجـو مرشد سچي هوُ.

❖

باهو ڪاهوءَ تي بيهان مان يا مان هڙپا ۾، هوُ
هر شي آهـ فنا جي زد ۾ فـرق ڏسان ڇا ۾، هوُ
آ انسان حقيقت ڪـهڙي؟ قطرو دريا ۾، هـوُ
ڪهڙي معنيٰ رکـنـدو آهي ذرو صحـرا ۾، هـوُ.

❖

Gul Hayat Institute

❖

باھو رنگ برنگي دنيا ڪيسين رهنٽي آهي، هوُ
دُک جي ڏينھن اُنهيءَ ۾ توکي ڪيسين سهٽي آهي، هوُ
نيٺ تہ ٻيڙي سير وڻي ٻي پاسي ڪهٽي آهي، هوُ
ماڻهوءَ کي ٻيو جيون ملندو موت تہ ننهٽي آهي، هوُ.

❖

سَهو مري ٿو جيئن اچانڪ ڪولهيءَ جي گهوٻاٽي، هوُ
لاڙي ايئن اچانڪ هرڪو پنهنجي ڳاٽي، هوُ
موت جيان آرام نہ ڪوئي، ماڻهو ناهي گهاٽي، هوُ
ڪوبہ نہ رهٽو آهي، هرڪو ڏينهن وڃي ٿو ڪاٽي، هوُ.

❖

ڪير چوي هي رات ڪٽي، مان ننڊ منجهان جاڳان، هوُ
ڪير چوي ڪنهن وقت مهارون موڙيان ماڳانڻ، هوُ
ڪير چوي ڪنهن وقت ڪَٽي ٽئي دل منهنجي راڳان، هوُ
ڪير چوي ڪا چيز ملي آ مون کي اڄ ياڳان، هوُ.

Gul Hayat Institute

❖

هوُ ۽ تو ۾ فرق اجايو، وچ ۾ آهہ حياتي، هوُ
هو تہ ميان آئينو آ، تو اِن ۾ جهاتي پاتي، هوُ
آ ڪنهنجي تقدير وري اڄ انالحق لئہ آتي، هوُ
آنءُ چوان ٿو، ڏرُ نہ انهيءَ کان ناهي موت مماتي، هوُ.

❖

❖

نيٺ تہ وسڻو آهي، ڪلھ ڪان وڄ پئي ٿي چِمڪي، هوُ
ڪاري اُڀ ۾ ڪوئي تارو تِمر تِمر تِمڪي، هوُ
ڇا هو اڇٽو آهي هئن ڇو جيءُ پيو ٿو جَهمڪي، هوُ
منهنجي من ۾ ڇو وسڪارو ڇَمر ڇَمر ڇِمڪي، هوُ.

❖

هاڻي ڇا ڪي ياد ڪرين ٿو جا گذري سا گذري، هوُ
اَپريءَ واءُ لڳِي گل ڇاڻيا، خواب جيان خوشبوُ ٿي، هوُ
هاڻي سارَ اجائي آهي ڇا ڏکي ڇا سُکي، هوُ
آهي آخر سمنڊ سمائي کهندي کهندي ندِي، هوُ.

❖

موت ملاقاتي ٿيڻو هو، آنءُ لنوايو هُن کي هوُ
هونءَ تہ هڪ عمر ملي هئي آنءُ گنوايو اُن کي هوُ
ندي تارئون تار وهي ٿي، آنءُ وساريو ڪُن کيِ هوُ
سڙهہ جڏهن ڦاٽي ويا سارا، مان ساريان ٿو تُن کي هوُ.

❖

تارن جي تِرمِر اِئن مون کي ساري رات سَتائي هوُ
جئن تنبوري تڻ تڻ منهنجي من کي پيئي گهائي هوُ
تنهنجو نالو جو وِسري ويو واهوندو ورجائي هوُ
تون جا رويا آهين ڪئن ڪو توکي تن سان لائي هوُ.

❖

Gul Hayat Institute

❖

توبہِ ڪئن ڪاتيان مان هيڏي رات پهاڙن جيڏي، هوُ
ڪيئن چئجي مان ننڊ مان اٿندس ننڊ اچي پئي ايڏي، هوُ
بَند نہ مون دروازو هوندو جي تون ايندينءَ جيڏي، هوُ
تنهنجي نڪ نڪ نيٺ نہ آئي، آس هئي مون ڪيڏي، هوُ.

❖

آهہ هَڏي جِي هيرَ انهيءَ ڪي نفس تہ آهي ڪُتو، هوُ
هُن جو شوق شراب اهوئي جهڙو پاٽي تُتو، هوُ
ساري ساري رات نہ آَهي چا لئہ باهو سُتو، هوُ
ننڊ انهيءَ ڪان دور رهي آ ننڊ نہ آهي چُتو، هوُ.

❖

باهو دنياداري آهي ڪوُڙي ساري هوُ
چاندوڪيءَ ۾ سون جيان آ ساري واري، هوُ
ساوا پَن ڏين تا من کي ڪئن دلداري، هوُ
ورَ ساري سان ذرتيءَ اڳَ ڪان آهي نياري هوُ.

Gul Hayat Institute

❖

لڪُ بہ آهي ڪَڪَ برابر، سڀ لئہ موت پڇاڻان، هوُ
پوءِ حياتيءَ ڪان چا آهي آنءُ اُهو ڪي جاڻان، هوُ
پوئين ننڊ جڏهن تو ايندي هوندءِ ڪونہ وهاڻان، هوُ
ڪيڏي پينگ لڳن تا سارا ذرتيءَ هينان پاڻان، هوُ.

❖

❖

باهو ڪوڙ فريب ڪيئہ سو آڏو ايندءُ، هوُ
رب سوا ٻي واهر ڪهڙي؟ ڪوبہ نہ ڏيندءُ، هوُ
رب سوا ٻيو مُرشد آخر ڪهڙو ٿيندءُ، هوُ
در ٻوٽيندين، پوءِ بہ باهو موت سڏيندءُ، هوُ.

❖

باهو رب رکي ٿو جنهن کي لوُهَ نہ تنهن کي لڳي، هوُ
هر شيءِ کو پاڇائون آهي جڳ تہ سڀ کي ٺڳي، هوُ
آندو چنڊ پلڪ ۾ پنهنجي آ ڪنهنجي رت جَڳي، هوُ
سمنڊ ازل کان ڇوليون ماري اَبد ڪنان پي اڳي، هوُ.

❖

باهو اڄ افطار ڪريَ، هت رهڻو ناهي هلڻو آ، هوُ
هي جڳ سارو جوٺ، اُنهيءَ ۾ ڪيسين جيءُ ٻهلڻو آ، هوُ
سنيت ڪر اي سنگي ساٿي ٽاٽو مورُ نہ ٽلڻو آ، هوُ
هر شيءِ هت ئي رهڻي آهي جيءَ اجايو جلڻو آ، هوُ.

Gul Hayat Institute

❖

آڪيرن ۾ ننڍ ڪندا سڀ پولڙيون پولي، هوُ
ڪٿن ڇنجي اڄ تير اڏامي ڪنهن کي ٿو ڳولي؟ هوُ
موت شڪاري پنڇيءَ وانگر نڪتو آ پر کولي، هوُ
ايِئن لڳي ٿو اڳتي صحرا ٿو ڪوئي ڇا ڇولي هوُ.

❖

❖

موت تہ هر ڪنهن ڏي اچڻو آ موت تہ وجڻو ناهي، هوُ
اِيئَن لڳي ٿو خالي هَٿين هيل نہ ترڻو آهي، هوُ
هن ڪي ڪا پرواهہ نہ آ، جي ناهہ پيو ڪو ناهي، هوُ
ماڻهن ڪي هو پيرن هيٺان ڳاهہ جيان ٿو ڳاهي هوُ.

❖

الف الله انهيءَ ڪان اڳتي باهو ڪجهہ پيو ناهي، هوُ
ب ڪان پوءِ بلائون ڪيئي ڏاهہ رڳو ڪنهن ڏاهي هوُ
هي دنيا سَؤ رنگ ڪري ٿي تنهنجي من ڪي ٿاهي هوُ
پاڻ پَوين چالاءِ پيو تون پنهنجي ڦندي ڦاهي هوُ.

❖

آنءُ فنا جي زد ۾ جئن تون، باقي باهو الا هوُ
سڀ ڪو آهہ قبر جو لقمو آنءُ بہ ٿو جئن اي باهو
مٽيءَ هيٺ اڪيلو ماڻهو ڪوبہ نہ جنهنجو ڪرلاهو
نڪر نوبر آهي گهُرگهُر، انت تہ سڀ جو آ ڪاهو. *

❖

خُم تي خُم پر پر اي ساقي، ساغر ڪهڙي شيءِ آهي
روح ٿيو مدهوش، پيو ٿو ڪاهڪشان ڏي ڪاهي
ماڻهوءَ مورک ڪان پڇجي، جي آخر ڇا ٿو چاهي
توکي ڪونہ وَرائي سگهندو هن ڪي ڪوبہ پتو ناهي.

❖

* ڪاهو: ڪاهوءَ جو دڙو.

Gul Hayat Institute

❖

بالڪنيءَ ۾ چار ڪبوتر شام لٿي خاموش لڳالا،
سارا در ٻوٽي ٿي جڳ تي، ننڊ الله تعاليٰ جا تالا؛
باهو تون ڇو جاڳين وينو ننڊ ته آهي مڌ جا پيالا،
ڪنهنجي ساراڇي ٿي توکي تنهنجا نيڻ ٿيا ڇو آلا.

❖

خانه بدوشو ڪهڙي تر ۾ خيما ڪوڙيو ٿا؛
ڇا جي لاءِ سفر ۾ پنهنجي، ايڏو لوڙيو ٿا،
آهه حياتي پَٽ جيان ڇو رنڊا روڙيو ٿا،
هِن جنم ڪي پنرجنم سان وبنا جوڙبو ٿا.

❖

ٻاهو آهن مينهن ڦڙين جئن تو وٽ ڪيئي ڪتاب، الا!
ڪونه سوالَ سلن ٿا توکي تن جا ڪي به جواب، الا!
آءُ، سڏيو وهندي نديءَ ۾ آ توکي مهتاب، اَلا!
باهو سنگُ ڪرين جي سمجهي ڇو ٿين خوار خواب اَلا!

Gul Hayat Institute

❖

ڪٿ به نه بيٺي لهر، هلي وئي اڳتي منجهه چناب اَلا!
جندڙي ماڻهوءَ جي آهي اِئن ساري خيال و خوابُ اَلا!
تند ڇڳي جي چُپ ٿي ويندو پنهنجو روح ربابُ اَلا!
ڪوبه گناهه نه آهي باهو ناهي ڪوبه ثواب اَلا!

❖

❖

پيجري طوطو روز رڙي ٿو پنھنجي مانيءَ لاءِ
وڻ تي ڪالھہ تنواريندو ھو پنھنجي جانيءَ لاءِ
ڪيئن وَري اُن کي موٽائين کھڙي موتَ جوانيءَ لاءِ
پيريءَ آندي آھي پنھنجي سوچ فقط سرگردانيءَ لاءِ.

❖

ڪيئن دريءَ مان چنڊ ڏسين ٿو، ھيرايل ميدانن جا ؟
پنھنجو ڪمرو نيٺ وسائيئہ ايذايل انسانن جا!
موم بتيءَ تي بيت لکين ٿو، ڪيتن جا ڪليانن جا
من ۾ جھاتي پائي باھو ڏِک ڏسين ٿو ڏانن جا. *

❖

جوين جو رس آھي ائين جئن ڪارونجھر ماکِي
شايد تو نہ ڏٺي آ تر ۾ ڪائي ويساکِي
نانھہ ٿيو تون واريا سي تي چاندوڪيءَ ساکِي
تون ڇا ڄاڻين ڪنھن ڏرتي جو تون آھين راکِي!

Gul Hayat Institute

❖

واھونديءَ جو واءُ لڳي ٿو لوڪ چوي ٿو سيءُ ويو
آھہ لڳي پئي اڄ وچ ڪنھنجي ماءُ وئي يا پيءُ ويو
ڪنھن تي ڪو ويساھہ نہ آھي ھوءَ وئي يا ھيءُ ويو
ڇا ڪنھن سوچيو آ ماٺھوءَ تي ڪاڏي ھُن جو جيءُ ويو.

❖

* ڏان: ٽر ۾ اُن کي چوندا آھن. اصل سنسڪرتي لفظ آھي.

❖

جُڳ جڳانتر گذري ويا انسان اڃي جئن آهي
چيري ڦاڙي هن ۾ جو حيوان اڃي جئن آهي
ساري دنيا ناس ڪندو، نادان اڃي جئن آهي
درد اڃي جئن آهي ۽ درمان اڃي جئن آهي.

❖

ڄاڻي ڄاڻڻهار ازل کان اڄ تائين سڀ ڪجهہ
اُن جو غيب اگر تون ڄاڻين، تون پائين سيڪجهہ
تون هستيءَ جو تاڃي پيٽو، ڪولائين سيڪجهہ
ڳاتو تي سنسار جڏهن کان، تون ڳائين سيڪجهہ.

❖

لنگهہُ اڳيئي طي آ باهو عشق انوکي گهِتي،
ڪنهن سان اڙبو انگ، اِئين جئن چانڊوڪي چٽي،
وقت وڃي ٿو گذري سڀ جو موت ڪري ٿو مِٽي،
ڪير جدا ٿيو، ڪنهن پياري کان، ڪنهنجي قسمت ڦٽي؟

Gul Hayat Institute

❖

منهنجو پيار ڪٿي آ ڪوئي ڏس نہ ڏيندو ڇا؟
هن جو پار ڪٿي آ، هُن ڏي گسَ نہ ويندو ڇا؟
هن تي ڇانوَ گهٽيري هوندي سِڄُ مچيندو ڇا؟
ٿوري ننڊ ڪري هو مون ڏي موٽي ايندو ڇا؟

❖

❖

ڪويل جو آواز اچي ٿو اُبَ ھلي پيئي
واھوندي جو واءُ ويو دک ڏرتيءَ جا نيئي
نينگرُ نينگرِ ايئَن لڳن ٿا وَلِ ڦُـٽا ٻيئي،
ميوا، مچر، ماَڪيون آھن ماروئڙن ڪيئي.

❖

* رستي تي ھو اِيئَن ڪريو جئن پڪي ڪري روڙھي
لاش پيو آھي ڪو اونِي لوئيءَ کي اوڙھي
ڪيئي ڪارُون روُڪي رکيون پوءِ ته دڳ سوڙھي
اک منجھاران لار نہ ڪئي پر ڪنھن جي پي ڳوڙھي.

❖

ٻاھو تون جو ڪُجھ چاھين جو ٿيڻو آ سو ٿيڻو آ،
ٻاھر جو سنسار ٻَري ٿو ڏنُ انھيءَ کي ڏيڻو آ،
تنھنجي وَس نہ آھي پيارا ڪيسين توکي جيڻو آ،
جيڪو ڪوئي جام ڀري ٿو توکي ان کي پيڻو آ.

Gul Hayat Institute

❖

* روڙھو: چار جي ڪام جا گھوٻاتيءَ وانگر ڏک ھڻڻ لاءِ ڪم آڻيندا آھن.

Gul Hayat Institute

# ٻيت

*

مون سان مُنهنجي شاعري رهي ساري راتِ،
جيسين ٿي پرڀاتِ، سجِ اُڀاري سون جان.

*

متان چئين شاعري، "ڪونہ نڀايو تو"
پوئينءِ گهڙيءَ جو تنهنجا ڳل ڇُهي ڏنا.

*

اڄ تائين الهام جئن پيو شعر اَچي،
جيئين مورُ نچي ڪارونجهر جي ڪورَ تي.

*

ڇڏيءَ تانيءَ جو اوڇو ناهي شاعري،
گهاٽي ڪان گهاٽو اُٿيو آ اڄ ڪالهہ مون.

*

ساري عمر چئن آ ڪونہ ڏٺو آئون،
لائون ڏنائون مونکي توسان شاعري.

*

ننڊ اچي بہ نہ ڪيئن، ٿي ڏونڌاڙي شاعري،
چوي پئي هيئن "لک، اجا لکٽو اٿي."

Gul Hayat Institute

*

هو جيڪي سُرخاب اُڏرن پيا آب تي،
ايئين منهنجا خوابِ توکان مٿي شاعري.

*

رستو اَؤکو شاعري، ورتو آهي تو،
پرتو آهي تو جيڪي هن جنسار ۾.

*

منهنجي لاءِ نجات تونِ ئي آهين شاعري،
ساري ساري رات جيڪا مون جاڳي لکي.

*

ميان تنهنجي شاعري اَجرڪ تي ڇاپو،
تون منهنجو آپو سمجهي سگهندين ڪينڪي.

*

پاڻ وهيٽي ڪانهه آهه هي جا منهنجي ذات،
مون ڪي آڏيءَ رات لکائين ٿو تون ميان!

Gul Hayat Institute

*

جيئين ڪرٽا چندِ جا، سٿون آٽين تون،
تن ڪي ماٽين تون، ايڏيءَ اونده ۾ پڙهي.

*

اڃا اگر رڪَ تي اُجهاٽا ناهن،
چٽنگن جئن آهن سٿون اڃا ساهه ۾.

*

ائين ٿو لکين بيتَ جئن ڪرين ٿو اَنَ ڇاڻ،
پوءِ ڪڍين ٿو پاڻَ ڏڏر ھرھڪ ست مان.

*

ھرڪو ھڪَ تصوير، بيتُ نہ آھي ماٽھئو!
ٻي شاعرَ تقديرَ ناھي ھيءَ مصوري.

*

شاعر پڪي پار جاَ سيني نہ ڪُڙلاءُ،
ڪوڪو پڪي واءُ ٻُرِي ڪري ٻولڙيون.

*

پتائيءَ جو بيت جئن ڪالھہ ھيو آيت،
ڪابہ وِلايت مَٿُ نہ تنھنجي شاعري.

*

مان ئي بلي شاھہ ھان، مان ئي ھان باھو،
تنھنجو ڪرلاھو، گھايل تنھنجي گھاوَ سان.

Gul Hayat Institute

*

ڪھہ مڪرني ناھيان اُتيئي آئون،
خسرو ڏنائون مونکي پوري ڪنڊ ۾.

*

غالب وانگر ڇو نہ ننڊ اچي ٿي رات جو،
شايد آھہ پتو نہ اڳتي ڪاڏي ٿا وڃون!

*

جانِ جو پڙهيو غور سان، مونِ ابنِ عربي،
هر دنيا طلبي، جڻ دل مان ڏوپي وئي.

*

بيٺو اوهيڙا ڪري جذهن وسڪارو،
ٿر مٿان ٿارو، ڪاش ڏسين ها ڏانگڙو! *

*

ڪڏهن ڪاري چاڻ ۾ تون مان رباني، **
ڳاتي زباني ساڳي سِٽَ اتفاق سان.

*

ڪيڏا ڪيا واهَٽِيِن سندريءَ سان وَڙَ، بيتَ!
ٻُڌي مون نَڙَ بيت گهوُرِيِ ڏنو ڳائـٽو.

*

اجا منهنجي ذات کي ٻـ سَؤَ سال ڪَپِن،
جن تان انت ٽپن درد پريا هي دوهڙا.

*

ڪاڪ وري جڙندي پيهر ايندا ميندرا،
رچنا تہ مڙندي پاڻ ڊهي نهندي پئي.

*

---

* ٿارو: فطرت پرست آمريڪي اديب، ڏانگڙو:— قوس قزح، اندلٺ

** رباني: غلام رباني آگرو.

Gul Hayat Institute

*

اُتي پوئين پهر جو اُئين اوندھ ۾،
پکين چَهہَ چَهہَ ۾ تنهنجا گيت سمائيا.

*

هلي پيو ٿو نار، ڪوھ ڪتيئي ڪونہ ٿو،
ڪوئي انت نہ پارُ آهي منهنجي ذات جو.

*

ويرو تار وجود ۾ آهين ئي آهين،
ناهين پراهين مون کان ڪويتا ڪٿي.

*

بيماريءَ جو بسترو مان ۽ قلمَ ساکَ،
جيسين اُيري باک چوڌاري چانگارَ سان.

*

اَجا منهنجو پنڌڙو ڪُٿو نہ آهي،
وَڏيا ڪُجهہ ساهي، ڏکن پيڙا پيرڙا.

*

ڪتبون راسيون سِانجهہ کان ٻيڻي ڏنائين،
پَر هو تو تائين پهتو نہ آڪاس ۾.

*

هِيءَ ٻَڙيءَ جا ڪيترا آهن پساري،
ڪيڏي نِڪاري تِن جي ادب ڳالهڙي.

Gul Hayat Institute

*

جئن سمر ۾ اُوِيڙ، اڄڪلهه دانشور ائين،
ان ۾ اوَچا بڙ اُيري سگهندا ڪينڪي.

*

ايڏا شاعر شاعريءَ آنا ڪانيءَ ۾،
ميجردانيءَ ۾ ميجر يوُن پُون ڪن پيا.

*

پوءِ به چڙهي پِٽَ تي پريان آنءُ گهَڙا،
توڙي پٿونئڙا ڏنگن منهنجي ڏاتِ ڪي.

*

متان سمجهين ڪوهَ جو مون کي ڪاٽيارو،
مان جو پاٽيارو مون لئه واٺهڙيون گهٽيون.

*

ڪالهه بُڌايا پَٽَ جو گنگ ڪويءَ جا گيت،
مون ۾ چا چا گيت صدين ڪان پوءِ ايريا.

Gul Hayat Institute

*

جنهن تي به ٿي ڪنگَ سو نديءَ پيٺ ڏسو،
لڪو يا نه لڪو آهه ته جيئرو هائڪو.

*

ٻاهر بارش ٿي وسي ڪيڙا ڪتابِيَ!
اُفق عنابي آهي چڻ ته شراب جئن.

*

ڪونجون ڪرڪن روهہ تي ڇيڙڻي سانتِ- ستار،
ڇڻ ڪنهن موسيقار جي موسيقيءَ واءُ ۾.

*

بيجل پنهنجيءَ تند سان ڪاتيو پنهنجو ڪنڌ،
ڇا نہ سُريِلو پنڌ، راڳيءَ ڪيو راهہ ۾!

*

ٻيءَ لئہ رات وهانءَ جا ڳائي پئي ڳيچ،
مُندي پائي ڇيچَ، وَر وَر ڏسي تِڪ ڪي.

*

ٻُڌي تنهنجي ڪنجري نچن پيا پير،
ڇئہ تون آهين ڪير، نينگر نَگر پارَ جي؟

*

وَڃن پيون ڪنجريون آڏيءَ جو ڪنهن جون،
نانهہ سچاتو مون اجاڻ ان آواز ڪي.

*

ڪارائي ڪائي آ تنهنجي آواز ۾،
ڪِونج ڪري وائي وڏي وئينءَ انگڙا.

*

مانڌاڻيءَ آواز آيو اسُر ويرِ جو،
اڱڻ ۾ ڪو قاز، ڪَرڪي پيو مُنڌ جي.

Gul Hayat Institute

*

چوريون ڪيئي چيچ ۾ پنڙا لڏن ٿا،
تارا ٻڏن ٿا پرٿي رات رمي وئي.

*

اڃا سوجهاڪو ڇَهه ڇَهه آهي ٻيرِ تي،
ڇڻ پورو خاڪو آهي ڪنهن تصوير جو.

*

توکي پٿر مان گهڙي ڏنم جيڪو روپ،
اُهو روپ انوپ ڏِسي ڏات ڏڪي وئي.

*

ڇيڻي سنگ تراش جي ٻت تي ڏني ڌڪ،
"ڪٿي آهين تون؟" مُرڪي سوچيو مورتيءَ.

*

ڪهڙي ڪاشيگر جوڙيو توکي نينگري؟
ڇَئُه، تون ڪهڙي گهَر، ٿيندينءَ پيالي پريت جي؟

*

رُنو بت تراش بُت ڏسي سرَ ڪانسوا،
پو، هُن سوچيو "ڪاش مان بہ هجان ها جنگ ۾!"

*

ڪَنڌَ ٽُٽي ويا ڪانهن جئن، ناهي ڄام ٽُٽو
مئخانوَ نہ ڪُتو، ڪيئي رند رَمي وَياُ.

Gul Hayat Institute

*

رات مڌو شالا جهونجهڪڙي ۾ ائن لڳي، *
چڻ تہ سندم پيالا اُڏريا تي آڪاس ۾.

*

آخر رهندي ڪيترو اِها سُرت اَجان،
ساقي ڪيئن چوان اوتيندو رَهہ اوت ڪي!

*

ڳاڙهي غاليچي مٿان نيرِي صراحي،
چاهي نہ چاهيِ جرڪي پئي جام ۾.

*

اڪين- صراحيون پرجي پرجي ٿيون اچن،
جام و مينا جون ڪري ڪري ڳالهڙيون.

*

جوئر جا ڪانا وَڏا ٿيا بنيءَ ۾،
هُرڪر وَنيءَ ۾ سينڌو نہ ٿي ساموهون.

*

ڇا هِي پڙو، بانڌٽي اُنهيءَ جي آهي،
پَر تي بَئِي لاهي جيڪا آهہ نياڻ ۾.

*

ڇپر تي ليٽي آرٻني جي ڇانوَ ۾،
هوءَ ننڊي نيٽي پري پئي گهاگهرو.

---

* مڌوشالا (هندي): مئخانو.

Gul Hayat Institute

*

رَنيون چوڙين ڪانسوا مُرن وٽ ساٿيون،
اُنهن ڪئن ڪاتيون تارن ڀربون راتڙيون!

*

ڪِن جي لاءِ وجهن پيا سڪ وچان ليئا،
ڌهـرن ۾ ڏيـئا ۽ تـارا آڪـاس ۾؟

*

لالڻ ميندي لاءِ، سيان ڏينهن وهانوَ جو،
اُتِـي ريتـو پـاءِ، آيـو آهـيِّ رنگـجـي!

*

چنڊ وڏائون پاڪڙي هڪڙي پاسي ڏي،
ٻي پاسي توکي، جيئَن نه نِوي پاڪڙو.

*

ٻوليءَ ۾ ٻيهارَ، آنءُ نه اچڻو آهيان،
هونءَ تہ اُڪيچار ايندءِ نَوُنڻ ڪيڏٿا.

Gul Hayat Institute

*

اڳتي ننڊ گهٽي ميان هاڻي کهڙي ننڊ؟
پوپٽُ مٿان گهنڊَ رهي رهندو ڪيترو!

*

دل ڪولي رابيل، توکي سڳنڌون ڏنيون،
هاڻ ٻہ وجڻ ويل خزانا خوشبوءِ جا.

*

جيئَين ڪرڻا چنڊ جا لهرن مَٿ لُڇن،
تيئَين منهنجي مَن، آهن تنهنجون ڳالهڙيون.

*

جيئين تتر ڪارڙا پڃري ۾ ڦٿڪن،
تيئَين منهنجي مَن، آهن تنهنجون ڳالهڙيون.

*

پرين تنهنجي وبڙهَ تي منهنجو جيءَ جڙاءُ
جنهن ڏي هَٿَ وڌاءِ، چنڊ ڏسي ٿو عيد جو.

*

جيئَين مٽئي تِڪ، ايئين نينهن نگاهه ۾،
مون کي تُنهنجِي چِڪَ، چِڪي پنهنجي پاڻ مان.

*

هَٿ پرينءَ مينديءَ رتا جهڙا گُل انارَ،
جيئن ڪيائين پيارَ منهنجا ڳل ٿڙي پيا.

Gul Hayat Institute

*

تنهنجو بدن بوسڪي، جنهن جي مٿان گج،
ليئا ٿو سورج پائي لئيءَ جي پنيان.

*

ڀُني ڪُنيءَ وانگيان ظاهر هئي گج منجهان
پريان توکي مان ڪيئن سُجاتو سُندري؟

*

سائو گَجُ گلن سان، کُلهي کيائين ٻانهَن،
دل مان نڪتني دانهن، جوين جاڙَ ڪري وئين.

*

تنهنجو تَنُ ايئين پرين جيئين اَڇو پَٽُ،
ڀَريان ئي ڀَرگهٽ، ڏيرا ڀر ڊولائتا.

*

ڇا ڇا لڄاريءَ لوئيءَ سان پنهنجا ڏکيا،
پر چوليءَ جاريءَ اگ پسايا انگڙا.

*

ڇا جيڪو ميهار هو، هُيو سهڻيءَ خوابُ؟
چوڏينهن رات چنابُ ڀُڇي ڀِئي چنڊ ڪان.

*

هندورو هالارُ آ منهنجي لاءِ ته هوتَ،
ناهي ڪا ڳڻ ڳوت مونکي تنهنجي پيار ۾.

*

نه ڪي دڙ درياھ جا نه ڪي ڀَؤُ سيسارَ،
سهڻيءَ ڪي ميهار ڇڪيو ايڏي ڇوھَ ۾.

*

ڀڪو ڀونهارن سان متان جوڙين تون،
جي تون مڃين مون، ڇيتِ نه تن جو چانئننون.

Gul Hayat Institute

*

مون ڪان پنڌ نہ مورُ، اڳتي ٿي پنيور ڏي،
ٿيندو نيٺ اَسورُ، آرباٽي هِن رات جو.

*

توڙي هُيس ڪَڇَ ۾ ڪڪيءَ جو ڪارو،
ڪينجهر ڪنارو، نوريءَ وبندي واسيو.

*

نوري ڪٿوري هئي توڙي اَڏيءَ اوٺَ،
جام تماچيءَ گھوٺَ چونڊي ورتي چاھه مان.

*

گذري ڪَتِني ناھرِي مٿان آيو پوھُہ
راٺا ايڏو ڏوھُہ! مومل سوچي ماٺ ۾.

*

نيٺ تہ ايندو واھرو ڪاھيءَ مان ڪٽندو،
نيٺ تہ مون وٽندو سائو گاھه پٽن تي.

Gul Hayat Institute

*

هي جو چاھَت چت ۾ ان جو انت نہ مُور،
پوبون ناھي پوُر ڪَڏھن جيوَن ناوَ جو.

*

ڪيئي پيارا ناوَ وٺي سگھان ڪينڪي،
هُرن اندر ھانوَ ڪُرن مون ۾ ڪيترو!

*

هُئي بيتي پاڻ تي اچا اڏوري،
ڪالهہ اُها پوري آنءُ ڪئي هئي روس ۾.

*

هو جا آئي گارگِي ڪاريءَ گجَر جيئن،
سا مون ڪارڻ ڪِيئَن ڪَپي وئي پاڻ کي!

*

چانگا مانگا ۾ هُن سان لٿا ڏينهڙا،
جڻ ڪنهن ڇايا ۾ گذري ويئون ڪي گهڙيون.

*

۽ هو جيڪا ماڻ، باقَ نہ باقي باهران،
توڙي ڪائنُون ڪاڻ ساهہ انهيءَ سان سنگهرين.

*

ڇُڙئي پاڻيءَ ۾، توسان روح رچنديون،
عمر وهاڻيءَ ۾ ڇا ڇا مون آ ساريو؟

Gul Hayat Institute

*

ڪيڏيءَ شدت سان وري مون اڄ ياد پيون،
منوءَ ڪيئن سڳيون چوڙي پئي بَڏيون. *

*

ڪاڏي هلينءَ ڪامڻي، تون پائي پَنڙا؟
ڪيسين هي ڪَنڙا لوڏيندا تَن لوءِ ۾!

* مَنو: مصنف جي ڪلاس فيلو، ماضيءَ جو هڪ واقعو.

*

تنهنجي چاهَ چُرون، ڪَيون پنهنجي ساهَ ۾،
ڪهڙي طرف سُرون، چئني طرفين تون هئينءَ.

*

ماضيءَ جهڙي اي ڪَوي ميڙي چوندي ناهه
جيڪي چاهين چاهه سار- ٽجوڙيون ڪيتريون.

*

مُسرت جا ڏينهڙا ڪڪر ڪتيءَ جا،
پاچا بتيءَ جا ڪاري ڪارونيار ۾.

*

ٿتي نگر راتڙي پوريءَ ماچر ساڻُ، *
پانيان پنهنجو پاڻُ آهه تماچي تڙ- ڏٽي.

*

اَلا هڪ گهڙي مِلي ڪسيئہ سپ جمار،
مون سان تنهنجي تارَ ٻَنڌي رهي ٻُجهہ ۾.

*

صدين جي سيلاب ۾ ڏٺو هوندوسانءِ،
ايئَن لڳي ٿو پانءِ پل لئہ ڪٿ آهين ملي!

*

آهي ڪنهن ڪنهن روپ ۾ چنبيليءَ- خوشبو
اڳ بہ آهي توُ واسيو منهنجي وات ڪي.

---

* مصنف جي ماضيءَ جي هڪ واردات.

Gul Hayat Institute

*

جيئن نيري چانھ لڳي شفق رنگ ۾،
ايئين ئي تون آنھ سيني منھنجي سانوري.

*

تو ڪئن لڌو اوچتو پُلي منھنجو ياڻُ،
سانورڙِي تو ساڻُ منھنجو من اڙجي ويو.

*

عينڪ لاھ تہ مان ڏسان تنھنجِي چھري ڪي،
چگَيءَ پَر پرکي توکي مُنھنجي عاشقي.

*

اکيون اکين ساڻ ڳالھائن ٿيون ڳجھہ ۾،
آچي پنھنجو پاڻ آھن جڻ آسائتيون.

*

سانورڙي توساڻ آ منھنجي سڪ اِئين،
ٿئي شام جئين سانجھيءَ جي آڪاس ۾.

Gul Hayat Institute

*

توڏي ٿَڪُ نہ ٿَڪُ، پير نہ مون ساھيا ڪٿي،
مون کي سارو لَڪ پَٽُ پٿھير تي لڳو.

*

تون ئي نانھ اُنانھ ۾ تون ئي منھنجي آنھ
جيئين ڪائي سانھ اوچي اُڏري واءُ ۾.

*

پاريھر جھڙا پرين پيھر اُڏري آءُ!
تنهنجو لونءُ لڳاءُ مون ۾ ٻَر ٻَر ٿو ٻُري.

*

ڪِن ڪِن جي لئہ پيا سڪَ وچان ليئا
ڏھر ۾ ڏيئا يا تارا آڪاس ۾.

*

پوئين دم ديدار لئہ ڪيڏو من وِسڪي،
گوڏن ير گسڪي، جيءُ جڏو تو پار ڏي.

*

مون کي چاڙھي چيئَن تون پو ٿو پڇين ڪيئن؟ *
”توسان ٿيندو هيئن ايءُ بہ تو ڄاتو هيو؟“

*

ھوءَ جا ننائين آئي منهنجي راھہ ۾،
انھيءَ سدائين چاڙھيو مون کي چيئَن تي.

*

هيل تہ ڏکڻ زور سان لڳي ٿو ڏاڍو،
مون من تو ڪاڍو، ساري توکي سپرين.

*

پيجري ۾ ڦاٿِي هئي منهنجي هڪ مئنا،
ڪيڏا بي چئنا اُن بہ ڏنم ڏينهڙا.

---

* چيئَن: ڦاهي.

Gul Hayat Institute

*

تو بن جيئڻ– ڏنڀ، پري پريان ڪيترو،
تون جا منهنجو چنڊ آهين آڌيءَ رات ۾.

*

تنهائيءَ ۾ تون چمڪين پَئي چنڊ جان،
توسان منهنجِي مون جڻ چوليون درياهہ جون.

*

باد– صبا ۾، آ تنهنجي خوشبو پرين،
مان توکي چا ۾ ڍڪي ڍڪيان لوڪ کان؟

*

پاڻ تہ وئين ڦهلجي، منهنجو کهڙو ڏوهہ،
تو ۾ مُنهنجو موهہ، ڪيسين گهاري گيتَ ۾.

*

تنهنجا تيل ڦليل ۾ ڦُلن جا جوڙُا،
راتيون راسوڙُا چم چم سارا ڏينهڙا.

Gul Hayat Institute

*

تو جنهن تورَ تَلور جي پيهر ايندينءَ تون،
ويجهي ٿيندينءَ تون منهنجي تورئي ڪيت ۾.

*

ماهي مکڻ جيئَن تنهنجا ڳل منهنجا پرين،
پيو مان ڪيان ڪيئن، ڳُڻ تنهنجي جي ڳالهڙي.

*

ڪھڙي ياوَ مڪڻ، تنھنجا ڳَلَ ڏسي پڇيو
”تنھنجو ھر لَڪڻُ، لڪ لھي ٿو نينگري.“

*

ڇوريءَ ڇھرو ٻاھہ تي مڪڻُ جئن ماٽيءَ
وڏائين ٻاٽيءَ پَلِيِ سوئي پانڊ ۾.

*

ھي جا ڏوڏيءَ ڏيءَ آھي اڇني ڪير جئن
اَڪ ڏسي آڏيءَ مينھن ڏھي ٿي واڙ ۾.

*

ايندينءَ منھنجي در وري ماٽيون ڏينديءَ ڪيرُ
تنھنجين اکين نيِر، رُڪيِ رُڪَندو ڪينڪي.

*

ڇاٽين پئي ٻيرَ، ٻيرين پئي ٽوڪري،
ڇڏُ تون آھين ڪيرَ؟ ايڏو تون ڇو ٿي وڻين!

Gul Hayat Institute

*

ڀھراڙيءَ جي نينگري ڏسي ٿي ڪونجون
سوچي ڪيسنين مون، نِيرَ ھوندا نينھَن تي!

*

ھو جو تنھنجي دَرِ آھي نم جي ڇانوَ جئن،
ڪعبي ڪاشيءَ ڪَرِ مور نہ تنھن لئہ پنڌڙا.

*

مَلين پئي ميت ۾ جئن ليمي جا پَن
توکي ڏسي مَن ريٽيون ساريون ڪاٽيون.

*

چندبہ وڏائون پاڪڙي ھڪڙي پاسي ڏي
ٻي پاسي توکي جيئن نہ نِوي پاڪڙو.

*

چوريءَ ڳالھيون ساھ ۾ جڻ تي آيون وِچُ
”چاتيءَ ايئن نہ چِڄ ٻاھر سيِرون سيءَ جون.“

*

سَوَڙ سوڙھي ڪانہ آ، اوري آءُ سُري
ڪيڏي ناھ لُري لانديءَ سنھيون ڪانيون!

*

آلا ٿوئا راتڙيون ڏک نسورا ڏينھَن،
اَمڙ، مونکي نينھَن، چا لئہ چيچاڙيو ائين؟

*

چوري ڪجھہ تہ چئي پَئي اکيون ڪري ھيٺ،
آھي ھن جو نيٺ پَتو پيو پيءُ کي.

*

چوري چِتيِ رات چوريءَ ٿِپي کُڏ تان،
آھي عورت ذات ھيريءَ سنديءَ ھير سانِ.

Gul Hayat Institute

*

ڪيئن وساري اڄ پلا پنهنجيءَ پياريءَ کي،
ڪارو ڪاريءَ ڏي، چنڊ چڪي تو چيٽ جو.

*

ڪَکن جي پترِي ڏنل آڏيءَ اک ڏسي،
چورِي چورِي کي، ساماڻِي آ نينگري.

*

ڏِسي پَتـر مان، پوتيءَ ڍَڪي انگڙا،
هَوُ جو لڏڻ سان آهہ نئون پاڙيسري.

*

اَملهہ آتڻ تي ڪَهِي، آيو آ مون ڪاڻ،
گهاتو اَمُل آڻِ، بينو آنهہ بجير چو؟

*

لاڻِي، پگڙا، ربوڙيون ٽيئي هن جي پاندِ
ءِ ڪيڏي هيڪاند آهي پيِر پاڙ ۾.

Gul Hayat Institute

*

ڀهراڙيءَ جي نينگرِي ولوڙي چاڏِي،
ڪري اک آڏي، ڏسي پئي ڏيہر کي.

*

ڏهندي مينهن ڏِسي پيو توڏي ڏوجهارو
ڪيڏو لشڪارو، چوري تنهنجا ڏرگلا. *

---

* لشڪارو (پنجابي): چمڪ. * ڏرگلا: ڪَن جا زيور.

*

سڪيءَ بئنسر سون جي ڌھرِي دل چِڪي
ڪٿي اڪ ِ ٽڪي جھالر ٽي جھلڪا ڪري.

*

جيئين چُميون نار جون تيئين ڪيسو ڦُل
ڪيڏا ڪيا ھُل اَلن اُتر واءُ ۾.

*

جيئين ٻہ قيدي وَجن ھڪ ھجي زنجير
آھي تيئن اُڪيرَ تنھنجي منھنجي ڳالھڙيءَ.

*

جھُري جاڙ ڪَري جڏھن، جوڀَنُ توسان مُنڌَ،
تنھنجي آنءُ سُڳنڌَ ھوُندس آدجڳاد ۾!

*

توسان منھنجو پيارُ، جيئين ماڪ گُلاب تي،
ھي سارُو سنسارُ خوشبوءَ سان واسي وَيو.

Gul Hayat Institute

*

مون ۾ اڪيون ڪيتريون تُنھنجون اڪيون ٿيون!
ساريوُن سَڪيون ٿيون، گڏ جمنا ۾ جيءَ جي!

*

آنءُ تہ سوچان ٿو پيو، تون مون لئہ آن ڪيرَ؟
آندي آھہ اَوير، جنھن ھئن رُت رابيل جي!

*

تنهنجي مُنهن جو موتيو، من ۾ اُترَ هيرَ!
جيءَ پئي ڇو جهير؟ اُن کي مرجهايل ڏسي؟

*

تنهنجي منهنجي عاشقي آهي لوڙهي جئن،
پر دنيا کي ڪِئن مان اُن کان ٻاهر رکان؟

*

ويندي جڻ تہ وڃين پئي تنهنجو پنڌ ڪُماچ،
نيلوفر جو ناچُ جيئَـين اُتـر واءُ ۾.

*

هوءَ جَا لڇي سور سان اُن سان لڇان آنءُ
آهي منهنجو هانءُ گويا هن جي گود ۾.

*

مـتـان ڪَهارو ڏولـيءَ کي لـوڏو اَچـي!
اڄ هن جو سارو ساهہ پيبو پيڪي وڃي.

*

Gul Hayat Institute

ٻڙن تا ڪؤنپل تو ۾ هَٿ- ڇهاوَ سان،
ڏرتي جيئن ڪريَل ڪيڏو ناهين ڪامٽي!

*

اَڄ بہ مون ۾ ٽيون وڃن جڻ ٽِي سارنگيون،
ڪلهہ جي نارنگيون توتان آنءُ ڇني وتيون.

*

هي جو آهي بارڙو، تـُنـهنجي نشانـي،
آمرتا جانـي آهہ اسان جي پيار جي.

*

هي جا ڳنڍِ اُڪنڊِ جِي، اجائي ناهي،
مون توکي چاهي پاتو سڀ سنسار کي.

*

تاريون سلهاڙيون جيئين ڳهاتي جهنگ ۾،
تئن تو مون لاڙيون ٻانهون هڪبئي ڪنڌ ۾.

*

ڏِسُ هي ٽنڊريل تاريون وسي پيو مينهن،
مون ۾ منهنجو نينهن آهي اِيئن ڪڙي پيو!

*

ڪيڏا اُترڙو، ڪَڪا پن ڇاڻي پيو،
ڪيڏو نہ ڪَرڙو، ٻهراڙيءَ ۾ واءُ رو!

*

هي ڏس اوچو ٻڙُ، ٿان تي ڪِريو اوچتو،
وسري ويندو وَڙُ جو هن ڌرتيءَ سان ڪيو.

*

امڙ جهوٽو تِي ڏئي پينگهو لُڏي ٿو،
اُن ۾ ڪڏي ٿو ابهم پائي ٻاڦِنٻڙا.

---

* ٽنڊريل تاريون: گُلن ۽ پنن جون ڳتيل تاريون.

*

پُرت پَڏائين ڳنڍِ، هڪڙي پاسي چيلھ تي،
ڪيڏي اَت اُڪنڍِ، ٻي پاسي سان ٻارڙو.

*

هي جو اَمڙ پيارُ، آهي پنهنجي ٻار سان،
ڄڻ سارو سنسار، آ اُن جي آغوش ۾.

*

توتَڙ ڪيئن ڪڍي ڏارو اِيئَن ئي چڱو،
سيني ڪي ٿِي ڏي ٿورو نَڪر ٿانوَ ۾.

*

آڪيري ۾ آ سُتل، هي جو ڊانديئڙو،
ڪهڙو اوسيئڙو آهي اُن جي ننڊ ۾؟

*

پکي خواب لهن ساري وطن تاريون،
ڪاريءَ رات ڪَهن اونداهي آڪاس ۾.

*

ائين پِٽ جي ڳاتَ تي بيٺو آهي ڪيرُ،
ڪهڙو مُڙس متير، ساري ڪارونيار ڪان.

*

ٻُندو ڏئي واڙ ڪي ستو گهر ريدارُ،
بگهڙ ڪيو وارُ چاندوڪيءَ ۾ چنڊ جي.

Gul Hayat Institute

*

* وبندڀي ڪُتي پونگڙو اُنهيءَ جي لَڪ لَڪ!
متان ٿئين ڪَڪ! ٻوٽڻي رک ڪتاب ڪي.

*

تِتڙڪو نانهه تلاءَ ۾ نه ڪو پرسان وڻُ،
نَه ڪو ڪَنڌِيءَ ڏٿ، نيرو پاڻي ماٺ ۾.

*

چِچَ، اِها چِتڙَ چِنڊَ، ڪيسين اُتر واءُ ۾،
اَمڙ! تنهنجي جَنڊ آهي اوسيئڙو گهٽو.

*

هو جو اولهه ڪان اچي پيو لاڙِي مينهن،
اُنهيءَ اُجلو ڏينهن ڪيڏو ڏنڌلائي ڇڏيو.

*

چوندڀي ڪَتيءَ جا ڇيڙ نينگرڙي وئي گهر
اُٿي، اَمڙ تَرا ڪجهه ته ڪائون مينهن ۾.

Gul Hayat Institute

*

اونهاري جي تِرورن پَر ڪري پالا،
ماٺهن ميچالا سيرون ڪَيا سِج سان.

*

وسڪاري پاڻيءَ ڏهرن ۾ ٿويا پريا،
جن تي وهاٽيءَ، ٻَرن پيا ڏيئڙا.

---

* ويندڀِ ڪُتو: ڪُتي جو هڪ قسم.

*

آھلِيون، اُپ ڪَپِربون پٽون دور وڃن،
افق منجھه ٻُڏن چڻ سنجھا جي سمنڊ ۾.

*

ڏڪڻ اولھه جي ھوا، اڏامي وارِي،
ٿي ڪامي واري ڪيڏِيءَ تپت لَڪ ۾!

*

ڪائُڙَ ساربون وِيَروُن وھن ٿيون تمتار،
ھن پيري وسڪار تر ڪي ورسائي چڏيو.

*

رس چوُسي ٿي نينگري جوئر ڪاني جي،
ڪانگڙ ٿي جھِرڪِي، پيئي ڏسي ربس سان.

*

ھي ياندي ۾ يَتُ، اگيان بڪيا ٻارڙا،
ڪيئي ڏينھن اُستُ* جيڪي ڪائي ٿيا ڪتا.

*

ھي ڪُڙميءَ ڪوڏر جنھن جي دل ٻيھجي وئي،
سوچي سوچي گھَرِ ھن جي سُدِ رسائيو.

*

مٿان ڪڪن جھوپڙو، جھرڪيءَ آکيرو،
ڏرتيءَ تي ميرو، پيو آھي اوڍٽو.

* اُست: اُٺڙيءَ جو ڪير.

Gul Hayat Institute

*

ڪپهہ جا ڏينو، ڏسِي پيو پوک ۾،
اڄا تہ پينو، جڏهن بِڏي ڳنڙيوَن!

*

ڪَڪَن ڏَروُن اونهيون متان هٿ وجهين!*
يا تن لتاڙين، پانڌي پنهنجي پنڌ ۾.

*

ڇبيءَ ۾ ڇالاءِ تانگر وڏءِ نينگري،
ڪيڏو سيءُ هواءِ پاٽيءَ ڇندو ڪينڪي!

*

هو ڪينجهر ۾ ڪانگٽيون ويٺل پاڇل تي،
ڪيئن نہ سِڄ- بُڏي ڪارنهن منجهہ سمائيون.

*

ڪڪن ڇبيءَ ۾ رکيل هي تازا زيتون،
ولِهي پارَ جنوُنَ، وَنهئي لڳن ڪينئرا.

*

مائِي مربڙو پَٽي آئي جهولَ ۾،
گهرَ ۾ اوسيئڙو، ابهم سپ آسائتا.

*

وليون پوٽا ڪيترا، هڪ سرنگهوءَ وڻ،
برسي ٿو سانوڻ، پرسان لانڍين جي مٿان.

---

* ڪَڪَن: تانگن.

Gul Hayat Institute

*

هوڙبا ٽا ٻوليِن ٻولي ٻائر پارجي،
جنهن کي ٽا ڳوليِن تنهنجا ڪانڌ جهوپڙا.

*

ڪينجهر مٿان چنڊ ۽ ڪپر تي چاريون،
جن هينان ڪاريون، چڙي ويون ماڳڙيون.

*

ڳاڏي پئي ڪڙٻ جي وچ رسني تي،
ڏس تہ ڪيئن چڪي، چوُسن ٻنا پارڙا.

*

ڏونرو ولوڙي، مکڻ چاڏيءَ ۾ چڏي،
در ڏي تي دوڙي، آيو آنوادا ڏئي.

*

پاٿيجيءَ ۾ پيڻ جڻ پيو آنءُ ڏسان،
چئجي ڪيئن ڪتان، شروع ٿيو سلسلو.

Gul Hayat Institute

*

رڙيون ۽ ربهاتَ دادي پرتي رَب کي،
نہ جاٽان هن جاتَ ڪُتي کهڙيءَ جاءِ تي.

*

پيري پاسيري رکي مان تو من- مانديءَ
پنهنجي سيرانديءَ هَٿ سَهلايو هَٿ سان.

*

ميان ويچ! ٻُڪن جهوريو منهنجي جيءَ کي،
اتـنـدي هَـڏ ڏڪـن نـنـڊ نہ اچي رات جـو.

*

ڏس! هو سُڪو وَڻُ، جنهن ۾ ڳوُنج ڦٽي پيا ،
ڇـو توکي اڻ تـڻ، هيٺـو هـائـيءَ کي ڏسي.

*

ٿورو پرٻان ٿي اچي پوُرٻن جي پٽڪار،
ڏس هـو ڏنـورَن ڏار، نـمـن پـيـا واءُ ۾.

*

متان آکيـرو، ڍانـديـئـڙي جـو ڍاهِـئـين!
نيٺ تہ رُت ڦيرو ڪـائـي ۽ مـوتـي اَچي!

*

تون جئن نيري چانهہ، ڪنڊيءَ تي ڪائي گهڙِيِ،
يا اُڏري جئن سانهہ ڇاڇر ۾ ڇيرون هڻي.

Gul Hayat Institute

*

ڏڪـڻ اولـهہ جـي هـوا اڏارِي وارِي،
ٻـهـڙو پاٽـيـارِي، پوءِ ٻہ گهـر پهچي ويـا.

*

اَڪ، ٿوهر ۽ ٻَاڳيون، ارٽي ۽ ڳڳراڻ،
سيئـي مينـهَـنِ ڪاڻ، ڏسـن پـيـا اُڀ ڏي.

*

ڏٽي ناهي، ڏٺَ وجن تا گوڏول ۾،
سامهون سُڪا وَڻَ اُفق تائين روشني.

*

گهرڙا ، رستو وائڙو، واريءَ تي ڪُتو
نيٺ وجي ڪُتو، ڏَپ وتائين ڊوند جي.

*

ڪيڏي چپ چپات آ، ناهي ڪو انسان،
آ رستو ويران، گهرڙا بند، ٻه ٻارڙا.

*

سارو گهر پان پان ڪري هيڪلڙيون پينر،
جن مان ونيءَ وَر رات مري ويو ماٺ ۾.

*

ڪنڌيءَ ڪيئي جهوپڙا ڊونديون هيٺ تَرن،
پيڙين منجهه گهَرن ڊُڪي پئي باهڙي.

*

هي واريءَ لس ليٽ ۽ وچ ۾ ترائي،
ڪئن ٻَگلي آئي اُن جي هرٽي اُڄ ۾.

*

طنبيلو، گهوڙو، جنهن جي سَئس سَماءَ ۾،
ٻُڍي نه ٻوڙو، هيڪل جي هٽڪار ڪي.

Gul Hayat Institute

*

آڏا ڏونگر، پُئن گھٽي اُڏري ٽڪِي ڪونج،
رڳو ھن جي گونج رھندي ھنَ سنسار ۾.

*

ڦَڳُڻ ڦوڳَ ڦُلاريا نَگر تي نائُو،
نيگر ھٽ پائو چيا نہ سُريلي جندڙي!

*

ھنج اڳي جئن ھنجرون ڪينجھر لاءِ اڇن،
چا ڪو آھ وچن جيڪو تن کي ٿو ڇڪي؟

*

پوڙھو مُڙسالو پپيو، وڃي ٻنيءَ ۾،
آيو وَنيءَ ۾ ’ويڙس ڇو ونھواھ ۾؟‘

*

ڇوڪر جھلي ڇيلڙي ڪوسي ڪئي ڪَڇَ،
تَنھنجي پُنيءَ اڇ ٺھڪي ھن جي ھٿ سان.

*

جھوپِي جاني ڪيت ۾، رڙو رڙ آئي،
ڪنھن کي ھي دائي ڄڻائي وئي ٻارڙو؟

*

ھي جو ھَر ڪاھيلُ پريان ڪَنڌين اوٿ ڪُٽي
اُتي ٻنيي تي، مرندو ھو ويڙھاند ۾.

Gul Hayat Institute

*

رَنڊا روڙن زائفان، پريان مُڙسالو،
پهتا ئي نہ اجان، هر ڪنهن وَرُ پنهنجو ڏِنو.

*

مڙس نہ دانگوڙو، وَني سوني جي ڏِلي
پڇان ڪئن ڪوڙو، مان تن جي تقدير جو؟

*

ڀِڪي پئي نينگري پينگهي پُٺَ لُڏن،
جن کي دعائون ڪَن آيون وَيون واندي ۾.

*

ڀِڪي پئي نينگري در تي دُهل وڄن،
آندو دهلارين اوڙي پاڙي ساڙَ ۾.

*

ڪڏهن ڪڏهن ڏيئڙيون امڙ سان اورين،
تُراڙي تورين پنهنجا سارا ڏڪڙا.

*

ڪاڏي نئي تِي پَئِي ڪاڏيي گُجَر کي؟
ساربندي گهَر کي جو ڳوڙها ڳاڙي پئي!

*

جواني جهوٽو، گهڙيءَ ۾ گذري وئي،
ٻاربندي ٻوٽو رَمي وئي راتڙي.

Gul Hayat Institute

*

ڪڏهن گُل گُلاب جا ڪڏهن پَنبيون واءُ،
ڏل تي چوي 'آءُ' هيرون هرڪائن پيون.

*

اڪيون اوهيڙا ڪري وبڙهي منجهہ وَسن،
ڇا ڇا ٿا نہ ڇَڏن، ماٺهو سَفَر سانگ ۾!

*

تِتر ڪرڙي اُپَ ۾ هينان هي هالارُ،
ڪِيڏو توتي پيارُ، آيو مونکي جندڙي.

*

پکين گهُمرا واءُ ۾ اِئين جيئين تون،
نِوڙي هيٺ لتون پاٽيءَ منجهہ پُسائيڻ.

*

هي جي نديڙا ٻارڙا ڪوهَر ڪائن ٿا،
توکي ڳائن مُرڪي پنهنجي ماٺ ۾.

*

ڇنڊا اَڇن ٿا ڇُلڪا تِي ٻيڙي ڪري،
پَلا نچن ٿا ٻني ٿورو ٻاهران. *

*

پنهنجي رِدَ ڏُهي وتو رکي ڪير جو،
پيو مڙس ڊَهي ڪيڏا هٽي هڏڙا!

* ٻَنو: سنڌ جي هڪ شهر جو نالو.

Gul Hayat Institute

*

متان ڪچي انبڙي ڏوٽي توڪي واءُ،
توڪي تنهنجي ماءُ ڪنهن جي لاءِ جڻي وئي؟

*

انگل آرا ٻار جا اهڙي ٻي ڪا شيءِ،
عُمرِ! اڄ مون لئه ڪيڏيون آنديون سوکڙيون.

*

ڪجاوي ۾ ڪامٽيءِ، چنڊ ٻه ڏوليءَ سيئن،
آهي چاچيءَ جيئن هُن سان هُن جي وات ۾.

*

ڪيتجهر ڪتڏيءَ اوڏڙا هَتجر ڪُرڪُر ڪن،
ڇو اٿن متهنجي مَنِ ٻيا ولوڙا اوچتو؟

*

پکين ڦڙڪون واءُ ۾ ڊوري ۾ پاڇا،
ايهو، ٻيو ڇا ڇا ڪنهن پل ۾ پيهي وَيو!

*

لسيءَ چؤنرِي ڪَچَ تي، اڳيان ڇَوُڙن پوڪَ،
گهر وارِيءَ کي اوڪَ، گهوٽُ لٽي ٿو کيت ۾.

*

ولر گهُمرا ڏيِن جهُڙالي آڪاس ۾،
بوندون ٽپ ٽپ ٽيِن پرڙن مَٿ اڏامر ۾.

Gul Hayat Institute

*

جَر- کاوا جرکن چاندوکيءَ ۾ چيٽ جي،
کنڌيءَ سَر سَر کن پوُڙا پيا واءُ ۾.

*

متان سارس مارئِين باھر ٻنيءَ ۾،
جنھن جِي ونيءَ ۾ واءُ کنديربا کنيڙا.

*

ھٿ وڏو نينگر توڙي گاڏيءَ ڏورٽيءَ،
سارو رستو ڀَر جھولي پيو پينگھہ جيئن.

*

ھوُ جا پيرِ بھار ۾ مالھيءَ تي چاتيِ
اُن ھيئان لانديِ اُترڙو اوتون کري!

*

شاديءَ کان پو نينگريءَ جا آھي چيٺِي،
کٿولي ويٺِي اڱڻ ۾ اوري پئي.

*

Gul Hayat Institute

ھي جو کُٽکو بار جو بيماريءَ آيو،
دنيا ٻيءَ آيو جاڏي ھن جو پيرڙو.

*

لوُلِي نينگر چيلھہ تي گھڙو رکائيي،
سُر ۾ سمائي، پنھنجي اگھائِي ھَلِي.

*

اچڙِي چِڙِي تِي اُجري ڪَري پاڻ جئن،
منجهند لڙي تي، آيون سيڪي اَن جا.

*

بار وهاري هنج ۾ ڏِئي ڪيڏوڻو،
پڪيءَ ڪي چوٽو ڪارائي تي مائِڙي.

*

ڏئي ابهمَ لَولڙي نري پئي ماءُ،
جيئين ڏکڻ واءُ، هيرون آٽي هنج ۾.

*

هي جا چانهڪ، سانوڙي انهيءَ مان نينگر، *
وڃي پيئي گهر، گهِڙو ڪٽي ڪَچ ۾.

*

چِٽَ تہ هئي چيٽ ۾ پر هاٽي ويساڪُ
آهي جيءُ هلاڪ، ايڏو اُس چيي پئي.

*

Gul Hayat Institute

جڻ ڪي سانجهيءَ ڏيک ۾ آهن وچونءَ ڏنگَ
مينهون چڙا چنگَ، وڃن پيا وات تي.

*

سنگهڙ ڪري ٿيون اچن مينهون ڍنڍ منجهان **
نينگرڙو تن سان موتي پيو ماڳ ڏي.

---

* چانهڪ ۽ سانوڙي: گاهہ جا قسم جي اُتر ۾ مينهن ڪانپوءِ ٿيندا آهن.
** سنگهڙ ڪرڻ: مينهن جو هڪٻئي پٺيان اچڻ.

*

ڪيچڙ واريءَ ڇِڪ مان پاڻيءَ جو چپڪو،
ڪَلِ منجهان تپڪو، ڇو هئن وچ چرڪي پئي؟

*

پريان پريان اُپ مِڙس هوءُ هرڻ ڪڏيون،
ڪيڏو دُور ڪُڏيون راسيون، مُنيون، ڪَيرونُ!

*

هيڙها، تاريون توت جون چِڙيون چَهہ چَهہ ڪن،
سارون روز اچن بيگاريءَ تي باغ جون. *

*

جڏهن سرنهن گُل ڪيا وڏي وبو ويساهہ،
آهي ساڳو چاهہ منهنجو تو ۾ جندڙي.

*

اجا چڻ آڪاس تي آهي ڪُجهہ لُڙات،
پوءِ بہ نڪتَ لات ٿوري تِمر تمر ٿي ڪري.

*

اُڏرن ٿيونِ ڪونجون آڏيءَ جو آڪاس ۾،
پر ڏرتيءَ تان تون تن ڪي ڏسندو ٿو رهين.

*

وَڻ ڪناري ڳهريا، سانجهي، بتيلو
بُري ٿو بيلو، پڪي موتيا ماڳ تي.

---

* بيگاري: شڪارپور جو هڪ واهہ.

Gul Hayat Institute

*

ڪنا سپ ياتي گاڏين، بيلَ جُٽن پيا،
ڪُٽيندي ڇاتِي آهن لڏ پَلاڻ ۾.

*

ڇوڪر آکهيءَ ماءُ سان ڇمنيءَ جو دونهون،
ٿئي ٿو سونهون آرهڙ جي آڪاس جو.

*

تئيءَ منجهه تَري پيو ڪيرُاهِي گهيڇا،
نيڻ نه تنهن نيڇا اُتَر باهه، اُماڙيون.

*

ڇِڙيون ڪيت ڇڳي ويون هاٿي هٿ نه هڻ،
باقي داٿا ڪڻ جي تن ڪان رهجي ويا.

*

ڇٽي گُل گلاب جي ڇيو اي خوشبو،
مون پاتيو ٿي تو، سدا منهنجي سات آن!

*

خوشبوءَ پر آهن مگر گلابن پاڙون،
اِنهن کي جاڙون سَهٽيون آهن سيءَ جون.

*

دنيا ساري ڏوڙِ ڇو تو ڏوڙ ڪَني ڪرين،
ڇو تون ايڏي ڪوڙَ آهين ائن ڪاهي پيو؟

Gul Hayat Institute

*

هي جو تنهنجي جيب ۾ غيب پريل آهي،
جيب پريل آهي، اڻ ڇاتل امڪان سان.

*

ڦِر نہ لاٽونءَ جيئن تون ڪڏهن ڏور بہ ڏس،
جيڏا توکي جِسُ جي تون هَٿُ ڏسي وٺين.

*

اهو ممڪن ئي نہ آ ڪوڙي هو موُنو،
ڊِگَي جو ٿونو، هَٿِي هَٿِي ڪينڪي.

ڪارو پاڻي تَر وٺي مِٺو بيهي مَٿِ،
ماڻهوءَ جو مُنُهِ ڪَٿِ هن جو ڳالهائڻ ڏسي.

*

اکين بدران ٿا لڳن هڏن جا ڪوپا،
ماڻهو يا پوپا، وڃن پيا وات تي.

*

ڏسِي ڏائيءَ اک سان واٽئيَ وَٺيءَ مَپ
ڇوي پئي، "لپَ، آجان آهي پَوڙِي"

*

هِليون چيچڙن تي جئين ڏين لامارا،
هَت ماڻهو سارا دولت ائن ڦاسائِيا.

Gul Hayat Institute

*

ڪيڏن نوتن جي ٿَهي تنهنجي ڪيسي ۾،
ميان تِيسي ۾، وساريو تي ماڻهپو.

*

پوڪي ڪانديرا چاهين پَٽ ڪنوار ڪي،
ميان من ميرا سپڪجهہ آڏو ٿو اچي.

*

اَڪُ بہ آهي ڪوهہ تي سائو ۽ گهاٽو،
ايڏِي وِهہ آ ڇو، هي جو منهنجو سنگتي؟

*

هن دنيا ۾ دوستيءَ تي جي پاڙبندين،
ٻگوڙها ڳاڙبندين تڏا ساهہ پري ڪري.

*

الله! هي انسان جي ظالم ۽ جاهل،
مون ڪي آئي ڪِل انهن ڪي اشرف چئي.

*

ڪوڙُ اٿي ڪوراڙِ جئن وڪوڙي ويندءُ،
نہ چاٽان نيندءِ ڪهڙي آوهہ ۾ ميان!

*

بي قدرن ڪي پُلَ جو جيسين ٿي احساس،
تيسين منهنجو سواس رهندو ڪونہ سرير ۾.

Gul Hayat Institute

*

دانشور دهڪن تنهنجي ڪوتا ڪي ٻڌي،
توهہ وليوڻ ٿهڪن جئن اونهاري اُس ۾.

*

باقي جيئَڻ ڏينهڙا هاٿي تنهنجي ڪَدِ،
مان ماٿهوءَ جا وَڏِ سَهِي سهان ڪيترا.

*

متان ماٿهوءَ سان، گهٽو تين هجائتو،
اڄڪلهہ ماٿهوءَ مان نڪري ويو آ ماڻهپو.

*

ايڏيون ڪَشِ نہ ڪوڙڪيون آڏي ٻہ واٽيون،
پڪين ڪنيڙاٽيون پٽجي اڃن ڦتڪنڌي.

*

چوڌاري لوسانَ اُماڙيون آڪاس ۾،
ڦهلِي ڇَر ڇراتَ ڪنهن هيءَ ڏني چوچڙي؟

*

ڪُني ۾ ڏوئي پرسان بکيا ٻارڙا،
پيٽي سيوئي ڪجهہ نہ رکي پاڻ لئہ.

*

ڪنهن جي ڪفن ڪي ڏنئہ ميان ڪي ڪيسا،
پئسا ڪندين ڇا؟ پئساَ پئسا ٿو ڪرين.

Gul Hayat Institute

*

سونجهي سوُنجهي مُنهَن، وَني ونجاڻ گهوٽ لئه،
مـتـان تـوڪـي نُـنهَـن، اِڳـتـي ڏولاوا ڏئـي.

*

سنـڌڙي تـون ائـن هيڪلي، جيئين راجستان،
پـر مـون سنڌ سمان هيڪل ڪـانـه ڏٺـي هُـتي.

*

پائين ٿي ڏنارَ سپ، سنڌڙي بگهڙ تون،
تڏهن تانهه مٿئون پوٿي توتي ماس جي.

*

برقعي مان ٻاهر ڏِگهو هَٿ ڪري بيبي،
اچـا غـريـبـي، سـاڳـي آهـي ڏيـهـه ۾.

*

چڪري ويلڻ ساڻ هوءَ ويلي پئي مانڙي،
آهي سنڌ سڀاجهڙي، صدين کان ساڳي اجان.

*

Gul Hayat Institute

هي جي ٿانڊا چُلهه ۾ انهن مٿان رک،
هاٿي ٿيندي ڪَک، پيڙ ٻيا پڙڪاءِ کي.

*

ڪئن تون نندي ڪنڌ ۾ گل بچائي وئين،
توڙي ڏائي وئـين، تـوڙي ساجي سڌ تي.

*

پوڇاندي ويهِي، لاهہ نہ پنهنجو ڏينهڙو،
پِٽَ چوتيءَ نيهي، ڏس ڳاڙهيءَ ڳاڙهاڻ کي.

*

مارڪس، فرائڊ، ڊارون ويهين صديءَ جي،
ڪيڏي ڪَنڊُ ڪِسي! ۽ پو سڀ ڪِٿہِ تي ويا!

*

ڪوڙو ڪُتو سنڌ جي نالي ۾ پؤنڪي،
ڪوئي نہ چَؤنڪي، هڏو هن جي وات ۾.

*

رني ڪوٽ جي پٽ تان ساندو ڏسي ٿو،
ساندو ڏسي ٿو ڪوئي آرهڙ اُپ ۾.

*

مذهب توڙي قوم جو نالو ٻوڙيائون،
باهيون ڏنائون ٻار ڪيائون ڪوڪلا.

*

ڏهاڙي ڪاري ڪالهہ ويو هڙتال ۾،
ٻچا ٻُڪ ماري، چريو ڪنهنجي چُرچ تي.

*

هيءَ نہ رڪنا باد، هيءَ تہ آهي روهڙي،
پوءِ بہ مون کي ياد اڄ حافظ ڇو ٿو اچي؟

Gul Hayat Institute

*

آنءُ ٿنيي سان ٽيڪ ۽ فتح پور سڪري،
ڪاڏي ويا نڪري هو جي مُهرا وقت جا.

*

گانڌيءَ رڙ ڪهڙي ڪئي جڏهن ڏُرڪي ويو؟
نہ ڪي ڪنهن ڄاتو ڇا تي سوچيو گاڌِسيي!

*

ٽولئہ لڏون، چورمون هُن لئہ رُڪو روٽُ،
مان ٿو چوان موٽُ پنهنجي اِن انياءَ تان.

*

هوُ جي ڏِڳڙُ ٻارڙا ڳِيا ڳِيا ڪَن،
تن جا ٻوڙِي ڏَن ڇا پاتئہ منهنجا ڏٽي!

*

سنڌي پنجابي ڪڏهن ڪونہ ڏسي ٿي ٻوڏِ،
سيني ساڳي ڳوڏِ سيني ساڳو چولڙو.

*

ماٿيوءَ اندر ٻُڪ جا پيڙ ٿا پڙڪن،
متان هو ڪڙڪن رنيي ڪنهن راڪاس جان.

*

قُبي ڪڙولو سون جو ڏوران ڏسي ٿو،
پو مَن ڦسي ٿو، هيٺو ڏسي حال ڪي.

Gul Hayat Institute

*

ڄَت هنيا جي زَتَ.تي، مون تہ لڳي ويا طاق،
وڏيري اوطاق، ڳالھيون موڙا چم جا.

*

سنڌ جو وڏو مرض آ ان جي ڪچهري،
منجهند، ٽيپهري، سومهياٽي گذري وئي.

*

مون کي ماضي ئي وٽي، حال نہ مستقبل،
جنهن کي ڪوئي حل آهي نہ حالات جو.

*

چوڪنديءَ چوڌار ٽي چنڊ ڏنو ڦيرو،
هاري وڏيرو، چار سران ڪاشيءَ سنڌيون!

*

ٽپو ڏيندي لومڙي ڪوني مٿان، سوچ!
مُري موجَ نہ لوچ، تولئہ پيا پيي گهر گهٽا.

Gul Hayat Institute

*

توکي آزادي ڏئي، هي جو ڊوڊو ساڳَ،
ءِ پهچائي ماڳَ اِن کان ڪجهہ ناهي پَلو.

*

ڏس، هو اجرڪ جون پڳون ڪيڙيءَ ڪُرچيل پير،
ڪَهڙا مُڙس مٿير، جَن ڪُهاڙيون ڪَڇ ۾.

*

هو جي نازي فوج سان ايڏيو وڙهيا ها،
آخر انهن ڇا ايئين قربانيون ڏنيون؟

*

دنيا ستر سال ۾ ڪيڏو ڦري وئي؟
ايڏو ڦِري وئي ناهي ست سؤ سال ۾.

*

گُهگهہَ ڪيا گرڙاٽ رات لٿي آهي،
پوري ٿي آ جاتَ ماڳ لڳي تو ويجهڙو.

*

آهي جڳ وسار تڪيءَ نديءَ وهڪ جئن،
ڪنهن ڪي هن سنسار سدا ناهي ساريو.

*

هي سارو سنسار آ سپني جو سپنو،
تو آهي سمجهيو، جنهن سپني ڪي سايا.

Gul Hayat Institute

*

ڇا سمجهيئہ ڪنهن سانءُ هو تنهنجو هي ناتو.
ڳوڙهو ڳُجهہ پاتو، جنهن ۾ تو سنسار جو.

*

سچي ٿيٽي ناهہ سا، ڪوڙي ئي رهندي،
ڊهندي ۽ نهندي ڪايا هِن سنسار جي.

*

تون بہ تہ پهريون لفظ هئين، وئين ڦهلندو،
اڳتي ٿهلندو هن ساري سنسار ۾.

*

ڄاتُئہِ ڄاٽـٺهارَ تو جو منهنجي چِت ۾،
تڏهن تو پيهارَ مونکي ڏني جنڊڙي.

*

پورو ڪرڻو آهہ مون اچا سو پيغام،
جيڪو سارو عام هڪبئي جي ويجهو ڪري.

*

مان ئي سارو دشت هان، مان ئي حُدي خوان،
هيِ منهنجو ايمان واڳون تنهنجي وس ۾.

*

منهنجي نند ڦٽائئين ڇو تو ميان تون؟
ڇو تو ڏئين مون جاڳڻ جون ايڏيون گهڙيون؟

Gul Hayat Institute

*

مان ئي شاهہ حسين هان مان ئي بلي شاهہ،
منهنجو سارو ساهہ توسان واڳيو ديسڙا.

*

دنيا طالب ٻوندِ جي ڪُتا ڦيريون ڪَن،
ڦيريون ميريون ڪن حصي تي هرڪي ڪري.

*

دنيا طالب ڏوند جي ڪيڙا ڪيڙا تَنُ،
مور نہ آهي مَنُ، جيڪو ٻُلي آڪيو.

*

ڏئين تہ ڏاتار تين، ڏمرجين بہ تہ ڏي،
ويندين هِت ڇڏي سڀ ڪجهہ هن سنسار ۾.

*

جاڳن ساري رات جي ياڳن جَن نہ ننڊَ
تِن لئہ وڳا گهنڊ ڪونہ سُڄاتئہ ڪاپڙي.

*

هي جو تنهنجو دٻدٻو هي جو لوڪَ- وڏاءُ،
نيٺ تہ مٽيءَ پاءُ مِٽيءَ سان مٽي ٿئي.

*

واري ذات ڪُذات ڪي پيار ڪَيان سڀ سان،
ڪبيرا، توڪان پوءِ نہ آيو مون جيان!

Gul Hayat Institute

*

نانڪ ڪان پو آنءُ آيو هان اسرار مان،
متان منهنجو نانءُ سمجهو گهٽ گرنٿ ڪان.

*

* ڪيرتَن وانگر ڪهڙي گونج هُئي اِها،
هيٺ ڪَن وانگر بادل آيا باک جا.

---

* ڪيرترن: ڌرمي گيت.

*

رات شِوالي مان، جهانءِ ٻُڏي مون جهانجهہ جي،
چيو هاڻ ميان، لڏجي جيڪر لوڪ مان.

*

ماڻهو سجاڻو، جي مون ڪي تاريخ مان،
پوريو نہ پاڻو، آنءُ اوهان لئہ جو آڏيو.

*

مان جو چوان ٿو ائين ڪنهن بہ نہ چاتو آ
ڪنهن بہ نہ پاتو آ ائين ڳجهيءَ ڳالهہ کي.

*

ميان ڳالهيون ڳُجهہَ جون ڳُجهيون رهڻ ڏي،
تن کي ساهُ سَلي هوند نہ هيڪاندو ٿئي.

*

کهڙيون سليان آنءُ ڳاهون تنهنجون ڳالهڙيون!
پوءِ بہ پليان آنءُ پاڻ نہ ٿو اسرار ڪان.

Gul Hayat Institute

*

هو جا لهروئي، وري ايندي ڪينڪي،
ڪنهن هي ڳالهہ چئي، آنءُ تہ موتيو آهيان.

*

هي جا گهڙي لهر جان وڃي نہ موٽي،
انهيءَ کي جوٽي جيڪر ڪنڌيءَ سان ڇڏين؟

*

سڀ ڪجهه تنهنجو روپ آ، تون جو آنهه اُروپ
توڙي آنهه الوپ جڻ ڪنهن شيءِ ۾ ڪونه آن.

*

قادرِ مطلق تون، ڦهلي وئين اوچتو،
۽ ڏيکاريئِ مون هي ليِلا سنسار جي.

*

اڳ ۾ رڳو هڪُ هيو پوءِ به رڳو هِڪُ
وچ ۾ لِڪو لَڪُ آهي تنهن اسرار جي!

*

مون کي ڪنهن جي ڪاڻ آ جي تون پرچين مون،
منهنجو رڳو تون دنيا ڪوڙا آسرا.

*

هاڻي شڪ يقين ڪان مٿي آهيان آنءُ،
هر شيءِ تنهنجو ٿانءُ ٻُري پيو ٻُوجهه سان.

Gul Hayat Institute

*

ميان، مٿان موت ڪان ڪڏهن گهٻرائين!
مٿان من لائين هن جوڻي سنسار سان.

*

ڪيڏي ڳاڙهي اوتَ، بادل ڪَن ٿا شام جو،
پري ڏڪي موتَ، ويجهو آءُ وجود جي.

*

چڪٽو آ، هر شخص کي اِن جو ذائقو، *
ايڏو ڏر آ ڇو، ميان توکي موت جو؟

*

ڳالهہ ٻُڌِي تو موت جي، خارَ اَچِي ٿي پَر
موتُ تہ پيغمبر سدا ساريندا هُيا.

*

مَيان سنئين راهہ تي ڪٿي تون ايندين،
تڏهن اوريندين جڏهن موت مٿان اچي!

*

آيو آهين موت، ترس تہ هلون ٿا ميان!
اچا آهي اوتَ ٿوري منهنجي جام ۾.

*

هٿ مان ڪِري موت جي جام نہ آ ممڪن،
رندو! پوئين ڪن پيو اوتيندس اوت کي.

Gul Hayat Institute

*

هرڪو هٿيڪو آهي گهڙيءَ موت جي،
ڪنهن جو ڪو نيڪو ناهي هن جهان ۾.

*

ڇا ڪو آهي، موت ٿو جنهن نہ ڇڏي رڙڪي،
سڀ تي ائن ڪڙڪي وِڄُ ڪري جڻِن وَڻ تي.

* ڪُل نفساً ذائقة الموت.

*

ڇڏيندءُ ڪنهن ڇاءِ تي مَتان ڀائين موت،
فاني هرڪو فوت اُوس ٿيندو اوچتو.

*

هتان ٽرون ٽا نيٺ تہ ٽڏي ساهہ سان،
نيٺ تہ مرون ٽا ، مٽيءَ سان مٽي ٿيون.

*

رات ڪُتي ٽِي ڏينهن ٽئي، آئي آهہ پِرَهہ
اسين روز گرهہ، ٿيون پيا موت جا.

*

نہ ڪي ڪنهنجي هار آ نہ ڪي ڪنهنجي جيتَ،
موت ڏٺي ٿو ميتَ ٿهڪ انهن تي جي مُئا.

*

ڪنهن ڪي دهو موت جو اڳ ۾ پوي ٿو،
ءَ هو چوي ٿو ڪيئي ڳُوڙهيون ڳالهيون.

Gul Hayat Institute

*

هي جا لات لُڙات آ، هي جا رَئيءَ رَءُ،
مونکي مور نہ ڀوءُ مرڻو ناهي آدمي.

*

ڪٿان ٿو ڪوري ڪپي تنهنجا انگڙا،
هن جي ٿي ٿوري تون ڇڻ وَڻ آنار جو.

*

ڪڏهن هي سوڙها، وَرَ وراڪا راهہ ۾،
ڳاڙيندي ڳوڙها ملي ويندا پاڻ ۾؟

*

مَٿو نہ ڦيراءِ تون ٻيڙيءَ ٿمر تي،
پُڳيون نہ پر تي ڪيئي ٻڏيون سير ۾.

*

جيڪو سپ چمار تو ڪيو اتيا چارُ،
اُن جو توکي بارُ، آهہ گهڙيءَ ۾ لاهڻو.

*

پل جو پاڇائون آئي، هيِ تيرو ميرو،
ڪنهنجو آڪيرو سدا لڏيو لام تي؟

*

لڳ لاڳاپا لوڪ سان سارِي لب لالچ،
روح نہ تنهن سان رَچ ڪجهہ بہ نہ آهي جندڙي.

*

ڪڪن ترها ڪيترو سهارو ٿيندا؟
آخر ٻوڙيندا اڇي تڪيءَ سيِر ۾.

*

پيسي سان تون مائٽي پئسو ئي سڀڪجهہ
ڪيئن پائيندين ڳُجهہ اونهي جي اسرار جو.

Gul Hayat Institute

*

ڪنهن جي لاءِ ڪنا ڪَيئہِ ڏنَ اهي ڏيرا،
ڇڏيئہِ جي پيرا وڏي ڪيپ ڪٽي وئين.

*

سَرايون چالئہ اڏين، ميان تون مهمان،
آهي ڇا انسان؟ رات رهي رمندو رهي.

*

چَنون پڄري ۾ پيو ٻولڙيون ٻولي،
ڪڏهن در ڪولي اُڏري وينڊو اوچتو!

*

گانيون، گابا، واڙ، ماٺهو، مانيءَ جي پنڊي،
پَئي پئِي راڙِ چَپ چَپ جي آواز سان.

*

ڏاند نہ هَڻُ ائن ڏورٽو، متان گاڏيءَ ڪي،
ايئين ڊوڙائي اونڏي ٿئي اڌ تي!

Gul Hayat Institute

*

سوچي پير وڏائجانءِ وهہ گهٽي واٽن
متان سپ ڪاٽن ڏرڙ نہ ڏسين وات تي!

*

وِهہُ گهٽو واٽن جيسين توڙ پُڄائين،
ڪپر ٿا ڪاٽن ور ور ويندي ماڳ ڏي.

*

وجهي پير رڪاب ۾ گهوڙُبائين منزل،
پوءِ نہ وريس دل، مُنهن موڙيائين ماڳ ڪان.

*

ڪاڏي ويو قافلو ائين ڇڏي باهرِ،
مَنِ اجهاڻو ناهہ ڇڻنگون ڪيڏيون واءُ ۾!

*

رات رهڻ ڏينديم اڄ محفل آهہ مَتي،
رِمِ جهم آهہ ڪَتي اَمل پيو اوتجي.

*

ميان! تون ڏاتارُ، متان هٿ ڊگهو ڪَرين،
تو وٽ پاراپارُ بئي دنيائون مُٺ ۾.

*

تو ڇا سمجهيو رزق جو آهيان مان محتاج،
منهنجو سارو ڪاج پاڻ پيو پورو ڪري.

*

توکي لڳي ڪانہ آ اجا لهر لپاٽَ،
ڪُلندءِ نيٺ ڪپاٽ ڪنڏيءَ ويندين ڪيترو؟

*

ڪيئن پيو تو رتجي ماٺوئڙن ميلو،
شل نہ پجي پيلو ترندي ترندي تار ۾!

Gul Hayat Institute

*

ڪٿان چيٽجي ھي ميز تي آ پوئين ماني،
آهن مهمانِي مڙئي جيئڻ ڏينهڙا.

*

ڪوڙي ڪهاڻي جونا جوين ڏينهڙا،
ماڻِي نہ ماڻِي ڳالهہ مڙيوئي هڪڙي.

*

اڪيلو ايندين ميان، اڪيلو ويندين،
ڪشتيءَ ۾ نيندين ڪوبہ مسافر ڪينڪي.

*

ويا وڃٽهارَ، روڪي روڪيا ڪينڪي،
روئي روئي يارَ سهمِي ويا سانت ۾.

*

سارون ئي سارون، اڪت مون وَٽ سانت ۾،
ھي ڪنهنجون ڪارون، ڪير ڪَري تو سَڏڙا.

*

اڏ ۾ ڪير ڪتاب چڏي ويو اوچتو،
رُنو چڻ تہ رباب، اُن جي تارَ ٽٽي پئي!

*

چانگون ڪري راتِ، وڳر ويا پار ڏي،
مونکي ڪي ڏيئي ماتِ، جر ۾ چڏي جيئرو.

Gul Hayat Institute

*

ڪالهہ ٻڌو مون ڪُنڊ ۾ ڏکوبل ڪُٽڪو،
جنهن جو هر ٻُٽڪو، پوري هڪ جهان کي.

*

آنءُ تہ روڪيان ٿو گهٽو رُنا ڪونہ رهن،
پوئين پهر ڪَهن جونجهڪڙو جهيرون ڪري.

*

جيئِين پن هواءِ ۾ اهڙو تو آستان،
ميان، تون انسان، آخر مٽيءَ موٽڻو.

*

ڏس هوُ اَبُر ڇِٽَ جا نيري آڪاس ۾،
اُهي منهنجا مِٽ، تو منهنجي کهڙي مِٽي؟

*

دنيا سڀ دوکو، جيڏو سؤلو پنڌڙو
ايڏو ئي اوکو لاڏاٽو هن لوک مان.

*

Gul Hayat Institute

سڀ ڪجهہ رهڻو هت، آ تنهنجي تون سواءِ،
تون ٻيا ڇاٽين جِت تنهنجو پڇندو پنڌڙو.

*

هي جا جَبل روڻَ، تنهن مان گهُلي وائرو،
ڪري جڻ تہ پروڻَ توکي پيو جندڙي.

*

هو جي جبل لَڪَ مون ماربندا ڪينڪي،
مَٿي سِڏي نَڪ چڙهٽو آهيان چوٽِئين.

*

ڪيڏو ڪشالو ڪاريءَ رات ڪُھنگ جو،
ڇڻ ڪوئي پالو ويو پئي پونءَ تان.

*

وڄ نہ ويجهو جهنگ جي پيپڙ تا پڙڪن،
ڪوراڙيون ڪڙڪن واٺهڙو ويندا ڏسي.

*

ڪيئي چارا پيچرا ڪيئي وڪڙ ور،
جيسين پهچو گھرَ تابا ايندَوَ ڪيترا.

*

ميان ماڻهن ساڻ، ٺورو گهارين جي چڱو،
آهي تنهنجو پاڻُ، پوري دنيا پاڻ ۾.

*

دنيا پن پن جانور بُري ٿو ٻيلو،
تيسين جهميلو جيسين آهين جيئرو.

*

ڪاڏي تا ڊوڙن وڻ وڻ آهي پاڄ ۾؟
صدين کان ووڙن جيڪي ڪُجھہ ملي نٿو.

Gul Hayat Institute

*

ھاٺي جيئين چيچڙو پينھين پيو ھڏ،
ھاٺي ڪائي ڪَڏ آئي آھي وبجھڙي.

*

نِھري ھوندءِ بانھِڙي، ھي پر نہ چاتوءِ
جيون ھڏا ھوءِ ڪاتي پنھنجا ڏينھڙا.

*

ھي جا آھي ڪکڙِي انب ٽٽي تي ڪيئن؟
چا ڪو چوندو ھيِئن، ڪجھ بہ نہ اچي سوچ ۾!

*

سپ تنھنجي حڪمت ھُئِي آنءُ تہ ڏنو ھيئن
ڏانديءَ ڪيڙو ڪيئن پھتو پنھنجي ڳاڏ ڪي.

*

ڪيڏا پکي آئِيا پاٺيءَ جون پاتيون،
لُنءَ لُنءَ بولاتيون 'تون' 'تون' جي تنوار جون.

Gul Hayat Institute

*

آنءُ اگر ھان آنءُ ۾ ھوُ آھي مون سان،
'تون' جي تات ڪيان، ڪھڙيءَ واھر واسطي؟

*

جر تي ڦوٽو جيئن اُڏُ ڪري ٿو وائرو،
تون پڻ آھين تيئن پنھنجي جيءَ جتاءَ ۾.

*

هي جيڪو مٺيار موتي پوئي اُپ جا،
اُن جو پارُ اَپارُ مون کي جي ڏيئي سگهين؟

*

وتوهڙ ڪنهن ڪاٺ جي صدا ٿئي ٿو،
ڪجهه تہ ڏئي ٿو توکان مگِي مگُتو!

*

ڪنڌ هجي يا ڪيرُ نينگر تورا ڏينهڙا،
نيٺ تہ نيٺين نيرِ آهي سڀ لئہ انت ۾.

*

بئنسر پنهنجي لال جي لاڙئون ڪونہ گهراءِ،
مِٽي نہ بهلاءِ باقي تورا ڏينهڙا.

*

وجايئہِ اڌ زندگي اجائي پنتان،
سجائي پنتان، او شل تو مهلت ملي!

*

Gul Hayat Institute

رُکي ماني کاءُ، سُکيو ڏينهن گذار تون،
ننڌ نہ اهڙو ساءُ، جهڙو بکئي پيٽ تي.

*

ڪَندي بيڙي جيئن پئي لهواري ڏوُڪي،
ايئين پڻ توُڪي گهڙيون آهين سِير ۾.

*

ڪَرمندل ۾ ڪينَ، سامي سَڳَ پنيان ويا،
هر ڪنهن نيٺ زمينَ، ڪم آڻي ٿي ڪاڏِ جئن.

*

جيئڻ هڪ درياهہ آ تون مان ٻہ لهرون،
ڪونہ ڪٿي نهرون سڌو وڃون سمنڊ ۾.

*

اِئين چئُہ تہ پڪَ سِڄُ سياڻي ايرندو
مَيان آڻ نہ شڪ اڱهِيءَ آڌيءَ رات ۾.

*

پِيءُ نہ شل پرجي ڪڏهن، نيُ نہ شل وسري
چنڊ ستارن ڪي، ماڻهو تُِجِ چئي ڇڏي!

*

ڪَنڌُ تہ ڌوڻين ٿو، ڄاڻين ٿو ڇا ٿو پڙهين؟
ڇڻ تون لوڻين ٿو، دليِ لوڻيون ڪارڪون!

Gul Hayat Institute

*

دليون نڪر ٽانوَ جئن ٽڏيون ڪرين جي
ڪائي ڳالهہ مٿي، ان ڪان آهي ڪينڪي.

*

لاهي وڏيئہ لوڪ جا ڪيڏا عمامہ!
تنهنجا دمامہ واڄٽ ڪن وجود ۾.

*

جيڪي ڏوران ئي ڏسن سارن رستن کي،
تون تن مستن کي، چالئہ پيو چيڙئين.

*

تنھنجا پِن پِن وَن سورج، تارا ۽ ڪتيون
ٻُڌ ھي وٽن– پَن جي توکي ڳائن پيا.

*

دستڪَ دَر تي ڏي اجا سَرلو ڪري سَڏ،
ھوُ جو توسان گڏ اوري ٿي آواز تي.

*

Gul Hayat Institute

# دوہا

Gul Hayat Institute

# دوها

●

سج لهي ٿو آهہ افق تي ڪوئي زرد گلاب،
آهي پوئين پاڇائين سان لهرائيندڙ آب.

●

رنگ شفق جو لائون لائون آهہ اُفق تي ڪيرَ؟
آنءُ ڏسان ٿو در تي ڪنهنجا ميندي‌ءَ رتڙا پيرَ؟

●

ڇانئي شام، افق پاتو آ، تو جئن ڪهنبو ويس،
هاڻ تہ مان ويجهو ٿو پانيان دُکياري‌ءَ جو ديس.

●

ڇانئي شام بجيراٽين جئن هي ٻائوري‌ٌن وَڻَ،
جن هينان ليٽي پيا، جڻ ڪَڪرين جهڙا ڏڻ.

●

ڇانئي شام تہ وڻئي رڱجي ڏهر ڏهر ۾ پيرِ،
جهانجهر ڇمڪي، ڪيرَ ڪڙي آ در تي ننگي پيرِ.

●

اُٿ! پکيئڙا اُڏريا اُڀ ۾ آئي اَسُر ويرَ،
دير نہ لڳندي سج هاريندو جڳ لئہ سوني ڍيرَ.

Gul Hayat Institute

●

منھنجي ذات ائين آ اونھي جيئين وڻ جي پاڙ،
تنھنجو وس نہ ھلندو مون تي، مونکي ائن نہ اُڪاڙ.

●

توکي ياد نہ آھن توڙي توسان متھنجا وَڙ،
ڇاپا ڪونہ ڇڏي آرھڙ ۾ آ ڪنھن اوچي ٻَڙ.

●

ٻيهر جيان تون ڇاٽي ڪيئيءَ ٻيھر ٻير ڪَندين،
ڪٿن ڇنجي ڪنھن ڪارڻ لئہ تون ڌرتيءَ تي ورندين.

●

منھنجي جِندُ تتي پٽي آھي، ناھي ٿَدڙُ ٿُني،
آنءُ پيو توڏي واجھايان، مُنھنجي لاءِ ڇُٽي؟

●

جيءُ جَڙي زنجير جيان وئي تنھنجي ھِڪَ نگاھ،
تنھنجي لئہ ڪيڏو تانگھن ٿا منھنجا پورَ پَساھ.

Gul Hayat Institute

●

تنھنجو عشق وِيو جو وسري، دنيا وسري وئي
ايڏي دير وِڏءِ جو تنھنجي روپا وسري وئي.

●

جي ڪنھن آڌيءَ رات جو مون کي ڳائيندين،
مون کي چاري چنڊ جي چُرندو پائيندين!

●

چڻ هيءَ سِرڪي سمنڊ ۾ اُپ منجهان آئي،
متان ڇڪين تون مَڇِي، ماري سُرمائي!

●

ايڏيءَ ڪوسي رَتُ سان هَٿَ پئي ناربَئہِ؟
ڪيڏيون ڪونجون روهَ تي گوليءَ سان ماربَئہِ؟

●

هي منجهند جي ماٺ، تتيءَ جا تاوَ، ٻِهَر ويلا،
پَن ڪوماٺا اُس وِچاٺا، پَر پَر ڪن پيلا.

●

* آنءُ سکي هِي ڳالهڙي، تُلسي تُنهنجي ساٿِ
"مايا ڪون مايا ملي ڪَر ڪَر لنبي هاٿِ"

●

هاڻي مان سمجهان پيو ڪنهن ڪَلهہ ڇاجي لاءِ
** نگر ڍنڍورو هو پٽيو پِريت نہ ڪري ڪاءِ.

Gul Hayat Institute

●

تون بہ تہ بيجو باورا، جاڳ منجهاران جاڳُ!
ديپڪ ۾ ئي ٿو رهي، اڳ ئي ديپڪ راڳ.

---

* تلسي: تلسي داس.
** ميران ٻائيءَ جي هيٺين دوهي ڏانهن اشارو:
"ساجن جو میں جانتی پریت کرے دکھ ہوۓ،
نگر ڈھنڈھورا پیٹتی پریت کرے نا کوۓ."

●

ڇا نہ بسنتي هيرَ گهُلي تِي توتُ پيو جهولي،
ڪيئي پکي ويا پارِ اُنهيءَ تي ٻولڙيون ٻولي.

●

ٻان ڪاٺيارو تون ڪَرلاهو، ٻاجهارا ڪر ٻاجهہ!
جئن چوندو هو ٻُلو باهو، ٻاجهارا ڪر ٻاجهہ!

●

جهڙي ڳالهہ فريد ڪئي آ اهڙي ڳالهہ نہ ٻي،
’نہ ڏيک پرائي چوپڙي، نہ ترسا اپنا جي‘

●

اهڙي ڳالهہ نہ ڳاتي آ ڪنهن ويو فريد جا ڳائي،
’پيار ڪِئي سي هو نهين سَڪتا، چاهي جي للچائي‘

●

موت تہ آهي ننڊ جيان، ها، جاڳڻ آهي جند،
جيءُ سڄي جنسار سان پنهنجو واڳڻ آهي جند.

Gul Hayat Institute

●

هي جڳ ايئين ڇڏڻو ناهي اُت اي پوڙها اُڪهہ
هي جي آليون اکڙيون آهن تن جا ڳوڙها اُڪهہ.

●

در تي ڪيسين ڪَرهو رهندو ڪوبہ نہ وڻندو واڳ؟
پنهنجي ڏانهن ڪڏهن تہ ڪوٺين مونکي منهنجا ماڳ؟

●

ڪجھہ بہ نہ ڪٿنديون ڪجھہ بہ نہ ڪٿنديون چالئہ ميڙيون مالُ؟
سڀ ڪجھہ هِت ئي رهڻو آهي، هَئہ هَئہ تنهنجو حالُ؟

●

چَنٽونءَ جي چانگار تہ ٻڌ تـو پيجري ۾ ٻولي،
ڪئن چئجي ڪنهن وقت اُڏامي ٻاهر دَر ڪولي.

●

ڪئن پيجري مان مئنا نڪري ٻيهر موٽي آئي،
ڪوبہ تہ ان جو ڀيد نہ ڄاڻي آهي ڪوچ اَجائي.

●

منهنجي دانهن ڪڏهن تون سُٹنديون ماتـئين ڏينديون ڪيرُ،
ڪيسين زخم پيو ڪُرچينديون ڪڏهن تہ ڏينديون ڏيرُ.

●

ماڻهو واڳهہ، ٻگهڙ ۽ چيتو، خوفِ خدا جي ناهہ؟
خوفِ خدا ماڻهوءَ ۾ مرونءَ ڪي روڪي بيٺو آهہ.

●

سچ لهي سانجهي ٿيو آهي، هاءِ وَڃڻ وبلا!
ڪئن چئجي ٻيهار بہ ٿينـدا ماروئڙن ميلا!

●

سچ لهي سانجهي ٿيو آهي، چا نہ وڃڻ وايون
ڪئن تو منهنجي مُک مان سائين آهن ٻولايون!

●

سج لهي سانجهي ٿيو آهي، آئي آهہ اذان،
مسجد جا مينار لڳن ٿا جنهن ۾ سون سمان.

●

سِج لهي سانجهي ٿيو، وَنيون ڪولي پنهنجا دَرَ،
سوُنجهي ميڙ، نهارن بيٺيون ڳولن پنهنجا وَرَ.

●

پيهر ايندس باجهہ جهجهي تي کهڙيءَ جهوليءَ ڏي،
لوليءَ ۾ ننڌاڪڙو ٿي مان ڪنهنجي پوليءَ ڏي.

●

آهي هاڻي پوري ٿي وئي هِي جا وَٽ ڏِيئي،
ڪيسين پڙڪا ڏيندي آخر، ڪيسين نينٽ جيئي؟

●

هي جو اُتي رات جو ويٺو آنءُ لڪان،
پيهر وَجهہ ائين نہ ڏي مون کي باڪَ مَتان!

Gul Hayat Institute

●

هيءَ نہ تون دلجاءِ ڪر موٽي اِيندس مان،
ها ، پر جاڻان ڪونہ ٿو ڪيئن ملان توسان؟

●

تنهنجي خوشبوءِ ئي تہ آ، هي جو منهنجو ماسُ،
مالِهڻ! تنهنجي پيار جو ٿاريءَ ٿاريءَ واسُ!

●

ساجن تنھنجي پنڌ جو کھڙو پارُ پَتو،
ھينان ساري ربتِ آ متان ڏينھن تَتو!

●

متان ڏيئي ڏُڏِڪرا مون تي تون روئين،
ٿوھر گُلَ ڪنا ڪَري، مون لئہ تون پَوئين!

●

مون کي توکان دور پيو ٿو لَھندو سِجُ ڪَري،
ڪئن چئجي بيھار ڪٿي ھِي ڏيئي لاٿَ بَري!

●

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# وايون

❁

اُڏري آڏيءَ رات
ڪونجون ڪَرڪن روهہ تي.

جڳ نهوڙيو ننڊ ۾ تن کي پنهنجي تات،
اُڏري آڏي رات.

آهي ڪهڙي ماڳ جي وائي وَلَر – وات،
اُڏري آڏي رات.

وبنديون وبسر وارجي جڏهن ٿي پربات،
اُڏري آڏي رات.

❁

Gul Hayat Institute

❁

* آريـنـا تـہ پُـسـاءِ

ميري ٿي وئي ڪنجري.

نئون جوڙو ڪونہ تو آندو وَنيءَ لاءِ،
آريـنـا تـہ پُـسـاءِ.

هي جا گُل جيان اُنهيءَ اڇا وڳا پاءِ،
آريـنـا تـہ پُـسـاءِ.

ماٺو ڪوني ڪوٺ تي تنهن ڪان پوءِ گهراءِ،
آريـنـا تـہ پُـسـاءِ.

❁

Gul Hayat Institute

* نوٽ: آرينا پسائبا آهن تہ ڪپڙن ڌوئڻ جي صابڻ جو ڪم ڪندا آهن.

❁

سائيءَ چبر تي
ڪيرَ اِئين ليٽيٰ پئي؟
اڇي ڏير ڏنو، جڏهن ڪوبہ نہ هو گهر تي
ساڳيو ڪتو پالتو وينو هو در تي
ٽورا ڏينهن ٿيا هيا هن کي گهر ورتي
واجهائي ٿو چؤطرف هوندي نہ پرتي.

❁

اڇا پوڙُن هَٿ
پنهنجا نڪتا ڪين ڪي.
لڙهندا وڃن لاهہ ۾ ڪيئي يارن سَٿ
اڳتي اڇٹو آهہ ڇا، اها ڪنهن کي ڪٿ!
ڪيئن بہ هجي جندڙي آهي وڏي وَٿ.

❁

Gul Hayat Institute

✽

ڪنهن مصور جو تصور آهہ منهنجي شاعري،
رنگ وبو جو رقص ڏس!

* رونوا جئن مون چِٽي آ آدميءَ جي زندگي
رنگ وبو جو رقص ڏس!

روح جي تصوير هئي يا ڪنهن نسائي جسم جي
رنگ وبو جو رقص ڏس!

** مون قلم سان موُقلم جئن حسن ۾ حيرت ڀري
رنگ وبو جو رقص ڏس!

✽

Gul Hayat Institute

* رونوا (Renoir): فرينچ تصويريت- پسند مصور.
* موُقلم: بُرش.

❁

* سَروَ جا وڻ ائن اُيا جڻ وارَ ذرتيءَ جا پَٽي
تو آسمان!

ڪيفيت ڪهڙِي ازل جي رنگ نيري ۾ جهَٽي
تو آسمان!

هارَ ذرتيءَ جو مقدر، نيٺ اُن ڪان ڇو ڪَٽي،
تو آسمان!

شام جو اُن سان شفق ۾ رنگ پنهنجو ڇو مَٽي
تو آسمان!

❁

Gul Hayat Institute

---

* وان گوگ جي هڪ پينٽنگ کان متاثر وائي لکي وئي.

❁

اڄ مـاربنـديـون مـون،
ڳَوناٺن جون ڳالهڙيون
پيجلَ سوا ڪينرو متان سوچين تون!
صدين کان پو وَرِي پرندي تُنهنجي يوُن
شل اڳ جي تاريخ مان اسان هيلَ سِکون!
ڪيڏو پنڌ پري اچا، ڪيڏا پيرَ لڦون!

❁

Gul Hayat Institute

❁

ٿي نہ اونـدهہ ۾ اُداسُ،

چاندني راتيون بہ ايندُيون!

مان مڄان ٿو هونَءَ ناهي موت جو ڪو مُند ماسُ

چاندني راتيون بہ ايندُيون!

جيئندو رهہ، پيئندو رَهہ پو بہ جيسين آهہ سواسُ،

چاندني راتيون بہ ايندُيون!

’نانهہ‘ ڏي ويجهو وڃين چو، نيٺهن مان تون ٿي نِراسُ

چاندني راتيون بہ ايندُيون!

❁

Gul Hayat Institute

❁

هو جا پَلي پاند ۾ آٽي ٿي پيئي،
چلايا جي ويجهڙو گهر ڏي گسُ ڏيئِي
هيرِ ڇُهي جنهنجون چڳون ڪينجهر ڏي ويئي،
هُن جا ٿڙن ڏنيرا ٿِڙن ٿا بيئي،
چلايا جي ويجهڙو.

❁

تَڏا تَونربون ڏِير مان اُٿي ٿي پيئي،
سَجاول جي نينگري ساجُهر سنجهيئي،
ٿڪجِي ليٽِي ٿي پوي بانهن ڳچيءَ ڏيئِي،
مُنهن انڌيري نند ۾ ويئي ڙي ويئي،
پَٽ پٿيهر ٿيا سندس سپنا سيبيئي،
سجاول جي نينگرِي.

Gul Hayat Institute

هُن جي سُهڻي ڏيئڙي جهڙِي اُماڙِي،
گـاڏيءَ ۾ لاڙِي.

هُن جي پياري جوئِڙي رِءِ جهم ۾ واڙي،
گـاڏيءَ ۾ لاڙِي.

ڪالهہ وڏيري جا پٽي تاڙ رکي تاڙي،
گـاڏيءَ ۾ لاڙِي.

شال نہ جهري جهوپڙِي، ٻَنِ پوي ماڙي،
گـاڏيءَ ۾ لاڙِي.

Gul Hayat Institute

❁

توکي ساري سُپرين ڳوڙها ٽَپ ٽَپ ڪَن!
ٽمي پيو مينهڙو ڇَنا ڇَپ ڇَپ ڪن
ڳوڙها ٽَپ ٽَپ ڪن.

سنڌوءَ سِير وجي پئي لهرون لَپ لَپ ڪن،
ڳوڙها ٽَپ ٽَپ ڪن.

ڪيسين تولئہ جيئرا آجا جپ تپ ڪَن،
ڳوڙها ٽَپ ٽَپ ڪن.

Gul Hayat Institute

❁

❁

چاهِي نيڻن ڏيئڙا هاڻي وِسايان؟
باقي باک گهٽو پَري!

ڪيسين واجهه وِجهي ڪري در ڏي واجهايان؟
باقي باک گهٽو پَري!

ڪيسين ڪَڙو ڪوليان ڪيسين مان پايان؟
باقي باک گهٽو پَري!

هِي اونداهِي راتڙي ڪنهن سان ورهايان؟
باقي باک گهٽو پَري!

ڪيسين تنهنجي ڳُجهه جون ڳاهون مان ڳايان؟
باقي باک گهٽو پَري!

❁

Gul Hayat Institute

❁

ڪئن اڄ من ۾ اوچتو ڪنڌار ڪِڙيامِ!
ڪنهن جي سارَ اچي پئي؟

آئي رُت رابيل جي، ڏکڻَ هيرِ وريامِ
ڪنهن جي سارَ اچي پئي؟

چالئہ اڪيون آگميون، چو هئن نيڻ پنامِ؟
ڪنهن جي سارَ اچي پئي؟

ڪکر ڪارونيارَ تي وارِيءَ مَٿ وسيامِ
ڪنهن جي سارَ اچي پئي؟

❁

Gul Hayat Institute

پـئـي بـونـد وَسـي

ڪاهيندي ڪوهيار ڏي

پريان پٺي پب سان ڪڪر ڪورَ ڳسي

ويندي ڪهڙي ماڳ جا ٽوهر ڏسَ ڏسي

پنهنجو گهوڙو تير جان ساري واٽَ ڪَسي

ڪئن ڇِنجي هو توڙ تي ڪهڙيءَ وير رَسي!

Gul Hayat Institute

✿

ڪِن ڪي ڪالھ سَتي ڪري دوُر وئي پيڙي؟
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

جاڏي پاريھر ويا تاڏي پاربھڙِي
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

ڪِن تي ڪالھ ڪراڪنيا ڪِن ڪيتي ڪيڙِي
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

ڪانہ ڪٽي ويو پاڻ سان ڪو چوندي ميڙِي،
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

ريتا ڪڪر اُپ ۾ ريتي جر ھيڙِي،
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

ڏسُ، بيڙي ٻي ڳوٺ ۾ آھي گھر پيڙِي
ڪيرِ پڳا ٻي پارَ تي؟

✿

Gul Hayat Institute

❁

رَهـــي ويـــو راتِ،

ڪَلجُگ ۾ ڪو ڪاپڙي

اڄ جَڳ تي هُن ڪانسوا پَڌري ٿي پرڀات

ساري وَستِي تي لڳي ڪيڏي چُپ چُپات!

ڇا هوُ مرندو ڪينڪي موت ڪيو جو مات؟

مِٽي مِٽيءَ سان مِلي، ها پر هن جي ذات...

Gul Hayat Institute

❁

Gul Hayat Institute

# ترائيل

◆

خدا جي راهہ ۾ ڪيڏي خوشي سمايل آ
قدم قدم تي لڳي ٿو گلن جو ڍير آهي
لڳي ٿو هير ڪا خوشبو ڀري ڏکهي وَل آ!
خدا جي راهہ ۾ ائين روشني وڇايل آ

لڳي ٿو چنڊ جو قنديل ڄڻ جهُلايل آ
وڃي ٿو تيز اِهو روشنيءَ ۾ ڪيرُ آهي
ترائي لاءِ هرڻ آهہ ڄڻ اُڇايل آ
خدا جي راهہ ۾ ڪيڏي خوشي سمايل آ!

◆

Gul Hayat Institute

◆

اگر تون سون تيڻ چاهين آنءُ پارس هان
ڪڏهن تہ چاهہ سان تون آءُ منهنجي چائنٺ تي
سدائين چاندنين ۾ تو تنهنجي راهہ ڏسان
ڪڏهن تہ ايندينءَ هوا ۾ هلي تون خوشبوءَ جان

مانِ تنوسان پاڻ وراهڻ لئہ منتظر آهيان،
متان ٿون پنڌ ڪري پو هلي وڃين پُٺ تي!
مان پنهنجي ذات ڇُپائڻ نہ چاهيان ٿو توکان،
اگر تون سون تيڻ چاهين آنءُ پارس هان.

◆

Gul Hayat Institute

◆

ڪنن ۾ آڱريون وجهندين تہ وچ ٿري وبندي؟
گهتا گجي تي ٻنا ڀوڙ نيٺ وسٽي آ!
پنهون تلاش ڪندي سسئي مري وبندي؟
ڏِسي درياهہ جا دڙ، عاشقي ڏري وبندي؟

هزار بار ٻُڏي ڀل وري وَري وبندي
پريںءَ جي پار ڏي اُن جيٰ سدائين ڏسٽي آ
رُڪي ڪٿي تي؟ ٻئي چاهہ ۾ چري وبندي
ڪنن ۾ آڱريون وجهندين تہ وچ ٿَري وبندي؟

◆

Gul Hayat Institute

◆

صدين کان پوءِ اگر سمجهندين تہ ڇا ٿيندو؟
هڏن کي ڪابہ تسلي ملي ملي نہ ملي
لکي ٿو هٿ، لکڻ کان ڪڏهن جُدا ٿيندو؟
فضائون ڪيئي صبا جيئن روح جهاڳيندو؟

چوان مان ڪيئن، ڪڏهن منهنجو خاتمو ايندو؟
گهٽائون جيسين اچن ٿيون پيو ٿو مورُ تِلي،
خبر نہ آهہ تہ آگَمَ اِهو ڪٿي ٿيندو؟
صدين کان پوءِ اگر سمجهندين تہ ڇا ٿيندو؟

◆

Gul Hayat Institute

◆

عليٰ الصبَاح اچي مئفروش ٿو در تي
ڦٿائي ننڊ ڏئي ناو و نوش جو هوڪو
گهٽيءَ گهِري ٿو پُڪاري اداس گهر گهر تي
اچا تہ ننڊ ۾ هر ڪوئي آهہ چڻ پَر تي

وجي پڳو آهي ڪنهن جُڳ تي جڳانتر تي
اچي ٿو تَنهن جو فجر وقت هوش جو هوڪو
اچا تہ ڪنهن جي بہ دل سُرڪي نانهہ ساغر تي
عليٰ الصباح اچي مئفزوش ٿو در تي.

◆

Gul Hayat Institute

◆

خبر نہ آھہ تہ ڇا موت اڌُ- ٻُڙي آھي؟

خبر نہ آھہ تہ جملو ڪٿي ڪُٽي ٿو پيو!

خبر نہ آھي تہ ڪنھن پنڌ جي ڪُڙي آھي

اُنھيءَ سان پربت سندم ھيئن ڇو جُڙي آھي.

ڪڏھن نہ ڇئن سان ٻيٺي سندم ڪُڙي آھي

خبر نہ آھہ ڪٿي سلسلو ٽُٽي ٿو پيو!

خبر نہ آھہ تہ ڪيڏانھن ھوُ مڙي آھي!

خبر نہ آھہ تہ ڇا موت اڌُ- ٻُڙي آھي؟

◆

Gul Hayat Institute